1

ٻارن لاءِ لوڪ ڪهاڻيون

ٻارن لاءِ لوڪ ڪهاڻيون

(پهريون حصو)

سهيڙيندڙ

فضل الرحمان ميمڻ

Sindhica
سنڌيڪا

ڪتاب نمبر
53

حق ۽ واسطا سنڌيڪا وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: ٻارن لاءِ لوڪ ڪهاڻيون
(پهريون حصو)
سهيڙيندڙ فضل الرحمان ميمڻ
پهريون ڇاپو: 1997ع
ڇپيندڙ: آزاد ڪميونيڪيشنز ڪراچي
ڇپائيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي

ملھ: 30 رپيا

Baran Laae Loak Kahaniyoon I
(Folk Tales for Children)
Compiled by : Fazlur Rehman Memon
Published by: Sindhica Academy, Karachi-74400
Ph: 7737290
Printed at Azad Communications Karachi- 74400

Price: Rs. 30

ملڻ جو هنڌ
سنڌيڪا اڪيڊمي
B-24 نيشنل آٽو پلازه، مارسٽن روڊ
پوسٽ باڪس نمبر: 7363، ڪراچي 74400

سٽاءُ

نيڪيءَ جو بدلو	5
عقل ۽ بخت	15
ٻڌي	20
احسان ڪنهن تي ڪجي	22
مهاڻو ۽ سندس زال	25
بري نيت ٿوري برڪت	41
ڳالھ جو ملھ	43

نيڪيءَ جو بدلو

ڪنهن ڳوٺ ۾ هڪڙو غريب رهندو هو. دنيا ۽ دولت جي ڪري ته تمام غريب هو پر دل جو شاهوڪار ۽ ڪارپت جو اجرو مڙس هن جهڙو ڪو ٻيو ورلي هوندو. هڪ ڀيري جي ڳالهه آهي ته هن مڙس کي اچي پيسي جي لوڙ ورايو. نيٺ ڳٽيون ڪائي ويو شهر جي هڪ شاهوڪار وٽ ۽ ٽن مهينن جي واعدي تي سؤ رپيا اُڌارا وٺي اچي، پنهنجي ڪم لاتائين. ڏينهن خيرن سان گذرندا ويا، تان جو واعدي پوري ٿيڻ کان ٻه مهينا ٻيا به مٿي گذري ويا. هاڻي شاهوڪار کي به اچي هورا ڪورا لڳي، سو ايندڙ ويندڙ کان پڇائون ڪرڻ لڳو. نيٺ هڪ ڏينهن انهيءَ غريب قرضيءَ جو پاڙيسري مليو ويس جنهن کان خبر مليس ته اهو غريب انهيءَ ڏينهن صبح جو گذاري ويو آهي ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو سندس جنازو ڪڄندو. لهڻيدار، جو اڳيئي ملول ويٺو هو، ويتر اها ڳالهه ٻڌي چپ ۾ اچي ويو. نيٺ خيال ڪيائين ته ڇو نه صبح جو سوير لاش پورڻ کان اڳ ڳوٺ ۾ پهچي سندس وارثن کان



قرض چڪائي وٺان. اهو خيال ڪري موتي گهر آيو. رات جيئن تيئن ڪري گذاري، صبح جو پلي گهوڙي تي سوار ٿي پنيرڪي جو وڃي ان ڳوٺ ۾ پهتو. واٽ ويندي اهو خيال ڪيائين تہ جيڪڏهن سؤ رپيا فوتيءَ جي مائٽن نہ ڏنا تہ پوءِ انهن جي لاش کي سؤ موچڙا هڻي موٽندس. ڳوٺ پهچڻ تي ڏسي تہ لاش برابر رکيو آهي ۽ ڪانڌي چوڌاري ويٺا آهن. ويجهو وڃي فوتيءَ جي وارثن کان پنهنجي رقم جي گهر ڪيائين. تنهن تي هنن چيس تہ، "ميان! هو اڳي ئي غريب هو؛ وٽس ڪائڻ لاءِ ڪوڏي بہ ڪانہ هئي؛ هي ڪفن دفن جو ڪم بہ ڳوٺ وارن ڦوڙي ڪري نباهيو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ توکي پيسا ڪٿان ملي سگهندا!" لهڻيدار اهو جواب ٻڌي تيئن ضد ڪرڻ لڳو. چئي، "مون کي پنهنجا پيسا ڪيئن بہ ڪري پورا ڪري ڏيو، نہ تہ منهنجو مڙساڻو وچن آهي تہ لاش کي سؤ موچڙا هڻي پوءِ موٽندس." پلا مئي ماڻهوءَ تي ڪو ڪڪ بہ نہ سهي سو اها ڳالهہ ٻڌي اچي ميڙين منٿن ۾ پيا. ڪيترائي حيلا هلائي بيٺا پر لهڻيدار پنهنجي هٺ تان هيٺ نہ لٿو. اڃا انهيءَ چڪتاڻ ۾ ئي هئا تہ هڪ سؤداگر گهوڙي سوار اچي اتان لانگهائو ٿيو. ماڻهن جي ميڙ ۽ گوڙ گهمسان جي ويجهو اچي پڇڻ لڳو. ڳوٺاڻن سربستي ڳالهہ ڪري ٻڌايس . سوداگر بہ ڪو نيڪ شخص هو. اها ڳالهہ ٻڌي شاهوڪارَ کي ڏاڍو سمجهايائين پر هن هڪ بہ نہ ٻڌس. تنهن تي خدا ڪارڻ پنهنجي ڪيسي مان سؤ رپيا ڪڍي

شاهوڪار ڪي ڏيئي اچي گھر پيڙو ٿيو.
ڳچ ڏينھن ڪان پوءِ دستور موجب ساڳيو شاهوڪار وري واپار جي خيال سان ساڳيو گھوڙو سنجي اُٿي پنڌ پيو. واٽ تي هڪ مقام هو. هي جيئن انهيءَ مقام ڪان لنگھي ٿورو اڳيرو ٿيو تہ پٺيان ڪنھن ٻئي گھوڙي جي ٽاپ ٽاپ جو آواز ڪن تي پيس. ڪنڌ ورائي جان ڪٽي ڏسي تہ هڪ ٻيو سوار، گھوڙي کي واءَ وانگر اُڏائيندو پيو اچي. اهو ڏسي هيءُ ٿورو ترسي بيٺو. ٻئي سوار ويجھو اچي ڏاڍي حب سان سلام ورايس، جنھن جو جواب هن بہ ساڳيءَ طرح حب سان ڏنو. خبرن چارن ڏيندي وٺندي سوداگر چيو تہ، "آءٌ سوداگر آهيان. وٽج واپار جي خيال سان ڏورانهين ڏيھ پلاٽيو اٿم، ٻيو مڙيوئي خير." ٻئي سوار تنھن تي وراڻيس تہ: "ادا! ڪپي بہ خير، هاڻي هڪڙي مهرباني ڪر جو مون کي بہ پاڻ سان واپار تي وٺي هل." سوداگر چيس تہ، "يار! مونکي قبول آهي. ٻہ تہ ٻارهن، اويل سويل هڪ ٻئي کي ڪم پيا ايندا سون." اها ڳالھ ٻڌي سوار خوش ٿيو ۽ چيائين تہ، "هاڻي هڪڙو شرط آهي، چڱو ٿيندو جو ان جو ڪچيءَ ۾ فيصلو ڪري ڇڏيون تہ پڪيءَ ۾ پاڙڻ سولو ٿئي. شرط هي آهي تہ نفعي يا نقصان جو پورو پورو اڌ ورهائي کڻنداسون." سوداگر اهو شرط اکين تي هٿ رکي قبول ڪيو ۽ پوءِ ٻئي ڄڻا اڳتي روانا ٿي ويا. هلندا هلندا ساهيون ڪندا، برن پٽن، جھنگن جھرن مان ٿيندا ديس ڇڏي وڃي پرديس پھتا. هڪڙو چڱو موچارو شهر ڏسي،

گھوڙن تان لھي واءُ سواءُ وڻن لاءِ اندر لنگھي ويا. گھمندا ڦرندا هڪ چونڪ تي ماڻھن جو ميڙ ڏسي بيھي رهيا. چا ڏسن ته پاسي تي هڪ تختي ٽنگي پئي آهي، جنھن تي لکيل آهي ته جيڪو به ماڻھو بادشاھ جي ڌيءُ سان شادي ڪندو تنھن کي سڱ سان گڏ اڌ راڄ اڌ ڀاڱ پڻ ڏاج ۾ ڏنو ويندو. اڳتي ائين به لکيل هو ته گھڻي وقت کان وٺي هيئن ٿيندو اچي ٿو ته جيڪو به شخص شهزاديءَ سان شادي ڪري ٿو سو انھيءَ رات ۾ ئي گذاري وڃي ٿو. خبر نه آهي ته هي ڪھڙو اسرار آهي. ان هوندي به جيڪڏھن ڪو شاديءَ لاءِ رضامند هجي ته بيشڪ هي نغارو وڄائي اطلاع ڏئي.

تختي پڙهي ٻئي ڄڻا اچرج ۾ پئجي ويا. نيٺ ٿوري ويچار کان پوءِ سوار سوداگر کي چيو ته، "ادا! تون ڪٿي قسمت آزماءِ." سوداگر وراڻيس ته، "ميان! واھ جو منھنجو گھٽگھرو ٿيو آهين جو اکين ڏٺي موت ۾ ٿو وجھينم. دوست ٻلي تو جھڙا ڪجن. اهڙيءَ شاديءَ کان ته سچ ٻلي آهي. آءٌ اها ڳالھ هرگز قبول نه ڪندس." اتي سوار چيس ته، "ادا! مڙس اهو آهي جو هر مشڪلات کي منھن ڏئي ۽ اڻ ٿيڻي ڪري ڏيکاري. تون مون ۾ ڪوبه شڪ نه آڻ، ٻيلي ٻيليءَ جو ٻل آهي، الله توهار ڪري همٿ جو سندرو ٻڌ، آءٌ به هٿ هٿ تي رکي ڪونه ويھندس." اهو ٻڌي سوداگر ٿڌو ساھ ڀري چيس ته، "يار! هيءَ شادي نه آهي پر سر جو سودو آهي. ساھ هر ڪنھن کي پيارو آهي. مون

ڪي هن وقت شاديءَ جي ضرورت ته ڪانهي، پوءِ چو لالچ تي لڳي پاڻ کي ۽ پنهنجي تهيل تڪيل گهر کي اوڙاهه ۾ هڻان. دوست اهو جو وقت سر سهڻي صلاح ڏئي؛ پر هاڻي جيڪڏهن انڪار ٿو ڪريان ته تون مون کي گيدين مان سمجهندين، تنهن ڪري جيڪا تنهنجي مرضي. پر هڪ ڳالهه ياد رک ته پنتي جي پارت اٿئي." ائين چئي وري اچي ساڳيءَ تختيءَ جي پر ۾ ويٺو ۽ ڏونڪو کڻي ٻه ٽي پيرا ڏاڍي زور سان نغاري تي هڻي ڪڍيائين. نغاري جو آواز ٻڌي سڄي شهر جا ماڻهو هن تماشي ڏسڻ لاءِ اچي گڏ ٿيا ته ڏسون ته وري ڪهڙو بدنصيب سر اڏيءَ تي رکڻ آيو آهي. ساڳئي وقت نغاري جي آواز تي دستور موجب وزير به محلات مان نڪري آيو ۽ هنن ٻنهي ڄڻن کي ساڻ وٺي وڃي بادشاهه جي ڪچهريءَ ۾ ڪڙو ڪيائين. سوار، سوداگر لاءِ سڱ گهريو. بادشاهه قبول ڪيو. ٻئي ڏينهن ڏاڍي ڌام ڌوم سان شادي ٿي گذري. سهاڳڻيون ساٿ سوڻ ڪري سوداگر کي گهر وٺي ويون ۽ لائون ڏياري ڇڙوڇڙ ٿي ويون. ٻنهي گهوٽ ڪنوار کي موت جي ننڊ کڻي وئي.

هوڏانهن سوار جنهن پنهنجي دوست کي ڳاڙهو گهوٽ بڻائي موت جي منهن ۾ موڪليو هو، خيال ڪيو ته ڏسان ته سهي ته ڪهڙو سبب آهي جو ويچارن گهوٽن کي رات وچ ۾ اجل اُڏايو ٿو وڃي. آخر جڏهن هئو مئو ٿري، سڀڪو پنهنجي پنهنجي گهر وڃي آرامي ٿيو، تڏهن ترار کڻي، پير پير ۾ ڏيندو گهوٽ ڪنوار



جي محل ۾ گهڙي ويو. ڏسي ته ٻئي ڇٽا متيءَ ننڊ ۾ ستا پيا آهن. هيءُ ٻه ماٿ ڪري پلنگ جي هيٺان چورن وانگر لڪي ويهي رهيو. اوچتو جان ڪٽي نهاري ته واهه! هڪڙو ڪارو وسيهر نانگ شهزاديءَ جي وات مان نڪري سوداگر ڏانهن وڌي رهيو آهي. هن کي اگهاڙي ترار ته اڳئي ساڻ هئي سو هڪ ئي ڌڪ سان نانگ کي ٻه اڌ ڪري، رومال ۾ ٻڌي، ساڳيءَ طرح محل مان نڪري اچي پنهنجي جاءِ تي آرامي ٿيو. صبح جو سوير دايون ٻايون گهوٽ جي خبر لهڻ لاءِ ڊوڙي آيون. ڇا ڏسن ته گهوٽ تيل قليل ڪريو ڪنوار سان گڏ پلنگ تي ويٺو آهي. بس پوءِ ته شادمانا لڳي ويا. بادشاهه تي مبارڪن جا مينهن وسي ويا. خير خيراتون ٿي ويون. غريب غربي، فقير فقراءَ ڪائي ڍءُ ڪيو. ٽن ڏينهن جي خوشين ۽ جشن کان پوءِ سوداگر بادشاهه کان اجازت وٺي ڪنوار ۽ ساڳئي دوست سميت وطن وريو. هلندي هلندي جڏهن ساڳئي مقام وٽ پهتا، تڏهن سوار چيو ته، ”ادا! هاڻي منهنجو گس ٻئي پاسي آهي، تنهن ڪري چڱو ٿيندو جي هتي ٿورو ترسي ساهي ڪري پوءِ پنهنجو پنهنجو رستو وٺون.“ اها ڳالهه سوداگر کي به آئڙي ۽ گهوڙن تان لهي پيا. سوداگر سوار کي گهڻو ئي سمجهايو ته، ”ميان! هينئر مون سان گڏجي هل ۽ ٻه ٽي ڏينهن خوشين جا گذاري پوءِ ورڻ واري ڪج؛ پر سوار پنهنجي هٺ تان نه لٿو. نيٺ سوداگر کيس اجازت ڏني. اتي سوار چيو ته، ”هاڻي وهنوار موجب اڌ ورهائي ڏينم.“ سوداگر وڏيءَ خوشيءَ

سان ڪيس ڏيڄ مال مان اڌ ڏنو. سوار پنهنجو حصو قابو ڪري چيو ته، ”ميان! پنهنجو انجام هو ته جيڪي ملندو تنهن مان پہ پہ قارون ڪنداسون. پاڻ ڪي هن سفر ۾ مال سان گڏ هڪ زال بہ ملي آهي، سو وهنوار سان ان جو اڌ بہ مون کي ملڻ گهرجي.“ سوداگر اها ڳالهہ ٻڌي وراڻيو تہ، ”ادا! ڪڏهن زالون بہ ورهائبيون آهن؟ ڳالهاءِ سنڀالي، هي ڇا چئي رهيو آهين. چڱو مڙس هجين تہ اها بڪ بڪ بند ڪر.“ سوار تنهن تي چيس تہ، ”ميان! دنيا جو دستور آهي تہ واپار وچن تي ٽڪيندا آهن. ڏيئون پٽ زبان تي ڏبا آهن. تنهن ڪري تو جيڪو انجام ڪيو آهي اهو مڙس ٿي پار، نہ تہ آءٌ بہ اڳيان گيدي ڪونہ آهيان. چيو اٿئي تہ پنهنجي قول کي پاڙي ڏي نہ تہ گيسي ڪري جند ڇڏاءِ.“ سوداگر بہ اڳيان سياڻو هو سو وجهہ ڏسي اچي منٿن ۾ پيو. چئي، ”ادا! مون کي پنهنجو وچن وسريو ڪونہ آهي، پر تون بہ مڙس آهين، ڪجهہ خيال تہ ڪر، پنهنجيءَ دل تي هٿ رکي ڏس، ڪنهن سمي سومري ائين ڪيو هجي تہ آءٌ بہ ڪٽي هام هڻان. پنهنجو وچن وٽج واپار لاءِ هو سو برابر ائين ڪيوسين. هاڻي ڏاهو ٿي، مهرباني ڪر. ائين نہ ٿئي جو پاڻ ۾ ڪڙا ٿي پئون.“ سوار چيس تہ، ”نوان گهوٽ! پہ پائر ٽيون ليکو، سو آءٌ پنهنجو اڌ مئي مارائي کان سواءِ ڪونہ ڇڏيندس.“ هڪڙيءَ تي سوار ٻيءَ تي سوداگر، ٻي ڪا پهر بہ پاسي ۾ ڪانہ هئي، جا ڪٽي هنن جو نبيرو ڪري. نيٺ سوداگر ٽڏو ساهہ ڀري پنهنجي ڪنوار ڏانهن نهاريو، جا هن جو مطلب

سمجهي ويئي ۽ چيائين ته، "جيڪڏهن اوهان جو پاڻ ۾ اهڙو انجام آهي ته پوءِ بيشڪ پاڙڻ گهرجي. منهنجو ڏير ڪنهن بچڙي خيال سان توتي زور ڪونه ٿو پري پر پنهنجو پلاند ٿو ڇڪي، تنهن ڪري چڱو آهي ته مون کي هتي ئي اڌو اڌ ڪري پوءِ ٻئي هٿ ٺوڪيندا هليا وڃو." اهو ٻڌي سوداگر چيو ته: ادا! هاڻي مان پنهنجي وچن پاڙڻ لاءِ تيار آهيان. تنهن تي سوار چيس ته، "پنهنجي ڪنوار کي پڌري پٽ ويهاري اچ ته تنهنجي اکين آڏو ٻه اڌ ڪريانس." سوداگر اُتي ائين ڪيو. اتي سوار به اُگهاڙي ترار کڻي تيار ٿي شهزاديءَ جي ويجهو آيو. هوءَ ويچاري به پلا ضعيف ذات، سو اگهاڙي ترار ۽ سوار جي شڪل ڏسي دهلجي ويئي. سوار اجا هٿ مٿي ڪري ترار ڦهڪائڻ تي هو ته شهزاديءَ کان دپ وچان رڙ نڪري ويئي ۽ انهيءَ رڙ سان گڏ ساڳئي وسيهر نانگ جو ٻچو سندس وات مان نڪري وڃي پري پيو. سوداگر اهو حال ڏسي وائڙو ٿي ويو. سوار چيس ته، "يار! منهنجو ڦيريون وار ته گسي ويو. هاڻي ٻئي جي موڪل ڏينم." سوداگر وراڻيس ته "ميان آءٌ پنهنجي قول تي پڪو آهيان، تون ڀلي ٻيو وار ڪر. توکي جيڪڏهن پنهنجي هٿ تان هيٺ لهڻو ڪونهي ته مون به پنهنجي سهاڳڻ جو سر سهسايو آهي. توکي جيڪو وڻي سو ڪر." سوار اڳئين وانگر شهزاديءَ جي ويجهو وڃي ڏاڍي جلھ مان اجا ترار اولاري مس ته شهزادي اڳي کان به وڌي رڙ ڪري بيهوش ٿي ويئي ۽ ساڳيءَ طرح ٻيو به نانگ جو ٻچو سندس وات

مان نڪري وڃي پري پيو. سوداگر کي تهان ئي وڏيڪ اچرج وٺي ويئي. سوار ويجهو اچي چيس ته، "ادا! پيو پيرو به وار گسي ويو هاڻي ڇا صلاح آهي؟" سوداگر وراڻيس ته، "ميان! مون کان هر هر ڇا ٿو پڇين، توکي موڪل آهي، ڀلي پنهنجو ڪم پورو ڪر." اتي سوار ڪلي ترار ڪڍي سوداگر جي پيرن تي رکي ۽ شاديءَ جي رات نانگ ماري سندس جان بچائڻ وارو سڄو قصو ڪري ٻڌايائينس. سوداگر رومال ۾ ٻڌل نانگ ڏسي ۽ پنهنجي دوست جي واتان قصو ٻڌي ڏٽيءَ جا ٿورا مڃيا ۽ هٿ ٻڌي سوار کان معافي وٺڻ لڳو. سوار ڀاڪر پائي چيس ته، "ادا! معافي ته پاڻ مون کي وٺڻ گهرجي جو تنهنجي لڄ کي اڏو اڏ ڪرڻ تي زور ڀريم ۽ تنهنجو چوڻ نه ڪيم. ڳالهه هيئن آهي ته مون کي اڳي ئي خبر هئي ته هن شهزاديءَ جي پيٽ ۾ هن آفت جا ٻه ٻچا به پيل آهن، جي وڏا ٿي وري توکي ئي نقصان پهچائيندا، سو رڳو انهن هچائن کي تاڙڻ لاءِ ائين ڪيم. تنهنجي گهر واري سا منهنجي ڀيڻ آهي. مون کي جيڪو ڪرڻو هو سو ڪيم. هاڻي ڀلي خوشيءَ سان ساري حياتي پيو مزا ماڻ ۽ مون کي ڏي اجازت ته سڄهندي وڃي گهر پهچان." سوداگر تنهن تي چيس ته، "ڀلا ايترو ته ٻڌاءِ ته توکي اها خبر ڪيئن پئي ته منهنجي گهر واريءَ جي پيٽ ۾ اجا به نانگ جا ٻه ٻچا آهن؟" سوار اها ڳالهه ٻڌي گهڻو نٽايو پر اڳيان هو به مڃڏو هو. نيٺ ڪلي چيائين ته، "ادا! آءٌ انهيءَ غريب شخص جو روح آهيان،

جنهنجي لاش کي، تو هڙان سؤ رپيا ڏئي، موچڙن کان بچايو هو. هاڻي منهنجي الله توهار ۽ تنهنجو موليٰ مددگار. ائين چئي روح گهوڙي سميت گم ٿي ويو. هي گهوٽ ڪنوار ساڳيءَ طرح گهوڙا پلاڻي خير سان اچي پنهنجي گهر پيڙا ٿيا.

عقل ۽ بخت

هڪڙي ڀيري 'عقل' ۽ 'بخت' اچي پاڻ ۾ هوڏيا؛ عقل چئي تہ آئون سرس ۽ بخت چئي تہ آئون وڏو. نيٺ فيصلو ڪيائون تہ ڪنهن ماڻهوءَ تي هلي ٿا زور آزمايون، پوءِ پاڻهئي خبر پوندي تہ ڪير سرس آهي. هڪ ڀڪرار ڪنهن ماڻهوءَ وٽ مهيني تي ٻڪريون چاريندو هو. رات ڏينهن ٻڪرين سان گڏ رهندي، هن ۾ ٻڪرين جهڙيون عادتون پئجي ويون هيون. پاڻي بہ ٻڪرين وانگر اونڌو ٿي پيئندو هو ۽ ماني بہ انهن وانگر کائيندو هو.

انهيءَ ملڪ جي بادشاهہ ڪي ڌيءَ جي شادي ڪرڻي هئي. شهزادي تمام سهڻي هئي، جنهن ڪري پرانهن ملڪن جا بادشاهہ شهزادا، شهزاديءَ جي سڱ جي گهر ڪرڻ لڳا. بادشاهہ خيال ڪيو تہ جيڪڏهن ڪنهن هڪڙي کي سڱ ڏيندو تہ ٻيا ناراض ٿيندا، ڪنهن سان ڦٽائڻو بہ ڪونهي، تنهن ڪري چونہ اهڙي اٽڪل ڪجي، جو لال بہ ليي ۽ پريت بہ رهجي اچي. سو يڪدم پڙهو ڏيارپائين تہ فلاڻي ڏينهن، فلاڻي ميدان تي، چؤنري

ڊرندي، جنهن ماڻهوءَ جي مٿان چؤنري ايندي تنهن کي شهزاديءَ جو سڱ ملندو.

مقرر ٿيل ڏينهن تي پري پري جا بادشاهه، شهزادا، امير ۽ غريب سڀ اچي انهيءَ ميدان تي گڏ ٿيا. خدا جي قدرت سان اهو ٻڪرار به گهمندو ڦرندو اچي اُتي نڪتو ۽ ماڻهن جا حشام ڏسي دل ۾ خيال ڪيائين ته لقاءُ ضرور ڏسجي، سو وڃي اچي هڪڙي پاسي تي ويٺو.

عقل ۽ بخت به ٻڪرار جي پٺيان اچي ان ميڙ ۾ پهتا. بخت، عقل کي چيو ته، "هاڻي منهنجو مزو ڏسج. آئون انهيءَ ٻڪرار سان ساٿي ٿو ٿيان. پوءِ امين ٿج ته ڪير سرس آهي." عقل چيو ته، "ڀلي" آخر بادشاهه چؤنري ڦيرائڻ جو حڪم ڏنو. چؤنري ڦري ۽ سڌو اچي ان ٻڪرار جي مٿان ويٺي. سڀئي حيران ٿي ويا ته چؤنري وڃي هڪڙي غريب تي ڊري، جنهنجا ڪپڙا ليڙون ليڙون ۽ وارن ۾ مٽيءَ جا مڻ پيل آهن! شهزادن ۽ بادشاهن جڏهن ڏٺو ته سهڻي شهزادي هڪڙو غريب کٽي ٿو وڃي ۽ خود بادشاهه به ڏاڍو ششدر ٿيو، سو وٺي هلايائون ته "سائڻ نه ڀلي-ٻانهي ڀلي!" آخر فيصلو ٿيو ته چؤنري وري ڦيرائجي. خدا جي قدرت جو ٻيو دفعو به ساڳي ڪار ٿي. چؤنري ڦري اچي ٻڪرار تي ويٺي. لاچار انجام موجب بادشاهه ٻڪرار کي پنهنجو ناٺي ڪري قبوليو ۽ ڪيس ڪپڙا لٽا پارائي، سنوارت، غسل ڪرائي، ماڻهن جهڙو ماڻهو ڪري پنهنجي نياڻي پرڻائي ڏني.



نڪاح کان پوءِ ٻڪرار کي ماني ملي، جا هن دستور موجب، ٻڪرين وانگر اونڌو ٿي کاڌي. ماڻهن کي سندس انهيءَ عادت تي ڏاڍو تعجب لڳو. آخر وڃي شهزاديءَ وٽ چڙي آيس. اتي ٻہ اهي ئي ٻڪرارن واريون هڪلون پئي پيس. ويچاري شهزاديءَ کي ڏاڍو ارمان ٿيو ۽ ماٺ ڪري ويٺي سڀ رنگ ڏٺائين. آخر ٻڪرار جي اها حالت ڏسي، شهزاديءَ کي پڪ ٿي تہ، ٻڪرار ۾ تر جيترو بہ عقل ڪونهي پوءِ ڇو نہ ساڻس شرط رکي بہ ٽي سوال پڇان، جن جا هي جواب ائين ئي اُبتا ڏيندو، سو ڦاهيءَ جي سزا ڏياري هن کان جند ڇڏايان. اهو ويچاري چيائينس تہ، "آئون توکان ٽي سوال پڇان ٿي، جيڪڏهن انهن جا صحيح جواب ڏيندين تہ واهہ، نہ تہ ڦاهيءَ تي چڙهڻو پوندءِ!" ٻڪرار شهزاديءَ جي ڳالھ قبول ڪئي. تنهن تي شهزاديءَ کانئس ٽي سوال پڇيا تہ، "ٻڏاءِ تہ پيٽ ڪنهن جو چڱو؟ جر ڪهڙو چڱو ۽ گل ڪهڙو چڱو؟" ٻڪرار جواب ڏنس تہ پيٽ پلي جو چڱو، جر ڪاٺيءَ جو چڱو ۽ گل گلاب جو چڱو." ٻڪرار جا اُبتا جواب ٻڌي شهزادي ڪاوڙ ۾ تپي باھ ٿي وئي ۽ يڪدم وزير کي گهرائي چيائين تہ، "هن بيوقوف کي وٺي وڃي ڦاهيءَ تي چاڙهيو."

عقل ۽ بخت ٻنهي تماشو پئي ڏٺو. عقل ڏٺو تہ هاڻي مڙس ٿو مري، سو بخت کي چيائين تہ، "تو هن جو ڀلو ڪيو جو شهزاديءَ جو سڱ وٺي ڏنو، پر اهو ڀاڳ ڪهڙي ڪم جو، جو

شاديءَ رات ئي ڦاسيءَ تي ٿو چڙهي؟ هاڻي جي هجئي همت ته مدد ڪرينس." بخت وراڻيو ته، "مون کي طاقت جيتري هئي سا مون ڏيکاري، هاڻي ڪٿيس قسمت!" تنهن تي عقل چيس ته، "چڱو آئون ٿو توکي هن جي جان بچائي ڏيکاريان." ائين چئي عقل ڇا ڪيو جو يڪدم وڃي ٻڪرار جي مغز ۾ ويهي رهيو. اتي ٻڪرار جون اکيون کليون ۽ وزير کي چيائين ته، "ميان وزير! خير ته آهي! مون کي ڪيڏانهن پيو وٺي هلين؟" وزير کيس سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي، جنهن تي ٻڪرار خيال ڪيو ته هتي جيڪڏهن اُبهرائي ڪبي ته مفت مارجي ويندس، تنهن ڪري ڪا اٽڪل هلائي جند ڇڏائجي. سو چيائينس ته، "ميان وزير! شهزاديءَ جو حڪم اکين تي، پر مرڻ کان پهرين مون کي بادشاهه سان هلي ملاءِ، پوءِ تون ڀلي هلي مون کي ڦاسيءَ تي چاڙهه."

وزير اها ڳالهه مڃي کيس بادشاهه وٽ حاضر ڪيو. بادشاهه کانئس پڇيو ته، "ڪيئن آيو آهين؟" ٻڪرار جواب ڏنس ته، "بادشاهه سلامت! تو خوشيءَ سان مون کي شهزاديءَ جو سڱ ڏنو آهي، پوءِ رات جو پرڻائي اڄ وري ڦاسيءَ تي چاڙهڻ، اهو ڪهڙو انصاف آهي؟" بادشاهه وزير ڏي نهاريو، جنهن کيس ٻڌايو ته، "جيئندا قبلا! شهزاديءَ جو حڪم آهي ته هي بيوقوف آهي، تنهن ڪري هن کي ڦاسيءَ تي چاڙهيو وڃي." بادشاهه يڪدم شهزاديءَ کي گهرائي کانئس حقيقت پڇي، جنهن تي هن بادشاهه

ڪي ٻڌايو ته، ”هھڙيءَ طرح اسان شرط رکيو ۽ هن منهنجي سوالن جا جواب صحيح ڪونه ڏنا، تنهن ڪري مون اهو حڪم ڏنو.“ بادشاهه چيس ته، ”چڱو تون اهي سوال وري منهنجي روبرو ڪر. جي جواب ڏنائين ته ٺهيو، نه ته پوءِ ڀلي ڦاسي ڏيارينس.“ تڏهن شهزاديءَ پهريون سوال ڪيو ته، ”پيٽ ڪنهنجو چڱو؟“ ڀڪرار جواب ڏنو ته، ”پيٽ ڌرتيءَ جو چڱو، جنهن ۾ سيڪجھ سمائجي ٿو وڃي.“ وري شهزاديءَ ٻيو سوال پڇيس ته، ”جر ڪهڙو چڱو؟“ ڀڪرار جواب ڏنس ته، ”جر مينهن جو چڱو، جنهن تي سيني ساهه وارن جو جياپو آهي.“ آخر ٽيون سوال پڇيائينس ته، ”گل ڪهڙو چڱو؟“ جنهن جو ڀڪرار جواب ڏنو ته، ”گل ونڻ جو چڱو، جو سڄي خلق کي ڍڪي ٿو.“ اهو جواب ٻڌي، بادشاهه ڏيءُ کي چيو ته، اَمان، اهي ته سموريون ڳالهيون عقل وارن جون آهن. شهزادي پاڻ به پشيمان ٿي مڙس کان معافي ورتائين ۽ پوءِ هميشه لاءِ خوش گذارڻ لڳا.

اهو تماشو ڏسي، بخت، عقل کي چيو ته، ”ادا عقل! برابر سواءِ تنهنجي آئون ڪجھ به ڪونه آهيان.“ پوءِ ٻئي پاڻ ۾ پرچي سدائين دوست ٿي رهيا.

ٻڍي

هڪڙو غريب شخص، روزگار لاءِ پنهنجا ٻار ٻچا ونئي پرديس ڏانهن پئي ويو. هلندي هلندي کين واٽ تي رات اچي پئي. سو هڪڙي وڻ هيٺان وڃي لٿا. اُتي غريب شخص پنهنجي پٽ کي چيو ته: ابا! تون ڪاٺيون ڪري اچ. وري ڌيءَ کي چيائين ته: اما! تون پاڻي ڀري اچ ۽ زال کي چيائين ته: تون ماني پچائڻ لاءِ اٽو ڪڍ. حڪم ملڻ شرط سڀ ڪو پنهنجي پنهنجي ڪم پٺيان هليو ويو. باقي پاڻ ويهي نوڙي وٽڻ لڳو.

ان وڻ تي هڪڙو پکي ويٺو هو جنهن سارو رنگ ويٺي ڏٺو. تنهن غريب شخص کان پڇيو ته: اي شخص! تون نوڙي ڇو ٿو وٽين؟ غريب جواب ڏنس ته: هن نوڙيءَ سان توکي ڦاسائيندس ۽ توکي کڻي رڌي کائينداسين. پکيءَ غريب شخص ۽ سندس ٻاتين جي ٻڌي ڏٺي هئي سو پڪ ٿيس ته هي مون کي پڪڙي وٺندا، هاڻي ڪيئن انهن کان جند ڇڏايان. اها ڳالهه ڳڻي غريب شخص کي چيائين ته: آئون توکي خزاني جي جاءِ ڏسيان ٿو، اتان

دنيا ڪڏهن پنهنجو گذران ڪر، پر مون کي معافي ڏي. غريب شخص چيو ته: ٻڌاءِ ته اهو ناٽو ڪٿي آهي؟ پکي چيو ته: هن وڻ جي پاڙ ۾ مڙس جيترو هيٺ کوٽ ته توکي ناٽو ملندو. غريب شخص، پکيءَ جي ڏس موجب ڪيو ۽ خزانو ڪڍي پنهنجن ٻارن ٻچن سميت واپس گهر آيو ۽ خوش گذارڻ لڳو.

اُنهي غريب شخص جي ڀاءُ جڏهن اوچتو ئي اوچتو پنهنجي ڀاءُ وٽ ايتري مايا ڏٺي سو حيران ٿي ويو ته اڳي کائڻ لاءِ ڪونه هوس ۽ هاڻي هن جهڙو ڪو سکيو آهي ئي ڪونه! پوءِ پنهنجي ڀاءُ کان پڇيائين ته: ادا! ڪر خبر توکي اهو ازغيبي خزانو ڪٿان هٿ لڳو؟ تنهن تي غريب شخص پکيءَ وارو سمورو قصو ڪري ٻڌايس. هن کي ٻه اچي ناٽي هٿ ڪرڻ جو خيال ٿيو، سو پنهنجا ٻار ٻچا وٺي اچي ان وڻ هيٺان رهيو ۽ پنهنجن ٻاتين کي سڏي ڏار ڏار ڪم ڏسيائين، پر انهن چيو: ته اسين پنڌ ڪونه وينداسين اسان کان اهو ڪم ڪونه ٿيندو. جڏهن سيني انڪار ڪيو تڏهن پاڻ ويهي نوڙي وٽڻ لڳو. اهو ڏسي ساڳئي پکي پڇيس ته: ميان نوڙي ڇاجي لاءِ پيو وٽين؟ تنهن تي غريب شخص جي ڀاءُ چيس ته: هن سان توکي ٻڌندس. پکيءَ ڪلي چيس ته: تون ڀرين پنهنجو گهر ته ٻڌ، توکان گهر ئي ڪونه ٻڌو ٿيو آهي سو مون کي ڪيئن ٻڌي سگهندين! ائين چئي پکي اڏامي هليو ويو ۽ غريب جو ڀاءُ جهڙو ويو هو، تهڙو هٿين ٺلهو موٽي آيو.

احسان ڪنهن تي ڪجي

جهنگل جو راجا شينهن پنهنجي راڻي شينهڻ ۽ ننڍڙن ٻچن سان جهنگ ۾ ڏاڍي مزي ۾ پيو ڏينهن گذاريندو هو. قضا اهڙي ٿي جو اوچتو هڪ ڏينهن شينهڻ گذاري ويئي. شينهن ويچارو ڏاڍو ڏکي ٿيو. کيس انهيءَ ڳڻتيءَ اچي ورايو ته هاڻي سندس ڪير پياڪ ٻچن جو ڇا ٿيندو؟ جيڪڏهن ڪين ڪير نه ملندو ته هو بک ۾ پاهه ٿي مري ويندا. شينهن ڏاڍي فڪر ۾ پئجي ويو ۽ گهڻي سوچ ڪان پوءِ هڪ رٿ سندس دماغ ۾ اچي ويئي. سوچيائين ته جهنگ جو بادشاهه آهيان. ڇو نه پنهنجي عوام جي هن ويل مدد وٺان؟ سو حڪم ڏنائين ته جهنگ ۾ جيڪا ٻڪري نئين وياڪ آهي ۽ جهجهو کير اٿس، تنهن کي اڻي منهنجي اڳيان حاضر ڪريو.

حڪم ملڻ جي دير هئي. يڪدم هڪ ڦهريات ٻڪري جنهن کي ٽڻن ۾ جام کير هو، تنهن کي شينهن وٽ وٺي آيا. شينهن ڏاڍي نوڙت سان ٻڪريءَ کي پنهنجي ڏکدائڪ حالت کان واقف ڪيو ۽ وينتي ڪيائين، "جيڪڏهن تو پنهنجو کير منهنجن ٻچن کي پياري هنن جي حياتي بچائي ۽ کين پالي وڏي

ڪيو ته مان تنهنجو احسان حياتيءَ ڀر وساري ڪين سگهندس.“

ٻڪريءَ رضامندي ڏيکاري ته شينهن بادشاهه وڏيڪ چيو،
”اي ٻڪري، منهنجا ٻچا جڏهن وڏي وڏا ٿين ۽ پاڻمرادو هلڻ چلڻ ۽ شڪار ڪرڻ جهڙا ٿين ته پوءِ تون ڀل واپس موٽي وڃج، چاڪاڻ جو متان هو تنهنجو پورو قدر نه ڪن يا اڙٻنگائي ڏيکارين، جو مون کي پشيمان ٿيڻو پوي.“

اُن ڏينهن کان وٺي مائي ٻڪري شينهن جي ٻچن کي پنهنجو کير پياريندي رهي ۽ سندن پرگهور ڪندي رهي. هوءَ شينهن جي ٻچن جو ايترو خيال رکندي هئي، جو پاڻ ويئي ضعيف ٿيندي پر ڪڏهن به ڪا شڪايت ڪانه ڪيائين، بلڪ فرض تي پختي رهي. نيٺ اُهو ڏينهن به آيو جو شينهن جا ٻچڙا مچي مڙس ٿي، هلڻ ڦرڻ ۽ شڪار جي لائق ٿيا. تڏهن ٻڪري لنگهي شينهن وٽ آئي ۽ موڪلائيندي شينهن کي چيائين، ”هاڻي منهنجو فرض اچي پورو ٿيو آهي. اوهان جا ٻچا هاڻي لائق ٿيا آهن ۽ پنهنجو پاڻ پاڻهئي پالي سگهندا. هاڻي مون کي موڪل ڏيو ته ماڳ وڃان.“

شينهن راجا سندس وڏيون مهربانيون مڃيون ۽ بيحد خوش ٿيندي چيائين، ”تو مون تي ڏاڍا وڙ ڪيا آهن. جيڪي ڪپيئي سو ڀلي گهري وٺ.“ ٻڪريءَ نياز سان وراڻيو، ”اي جهنگل جا راجا، اوهان جيڪو سچي دل سان منهنجو قدر ڪيو آهي، سوئي منهنجي لاءِ تمام گهڻو آهي. اهو منهنجي لاءِ سڀ کان وڏيڪ انعام آهي. ٻي ڪنهن به شيءِ جي مون کي طلب ڪانهي.“ پوءِ

۽ شينهن، مائي ٻڪريءَ جا هزار شڪرانا مڃيا ۽ ڪيس سوکڙيون پاکڙيون ڏيئي گهر ڏانهن روانو ڪيو.

ٻڪريءَ جي ههڙي ڀلائيءَ جي خبر ساري جهنگل ۾ ڦهلجي ويئي. سيئي جانور ٻڪريءَ جي ساراهه جا ڍڪ ڀرڻ لڳا. انهيءَ جهنگل ۾ ٻگهه پکيءَ جو هڪ جوڙو به رهندو هو. ٻڪريءَ جي ڳالهه ٻڌي ڪين به خيال ٿيو ته هو به جيڪر ٻڪريءَ وانگر اهڙا ڀلائيءَ جا ڪم ڪن. اتفاق اهڙو ٿيو جو هڪ ڏينهن ڪين اهڙي سٺي ڪم ڪرڻ جو موقعو ملي ويو. اوچتو هنن جي نظر هڪ ڪوئي تي پئي جو تلاءَ ۾ ٻڏي رهيو هو. ٻگهه پکي ڊوڙي وڃي ڪوئي کي پنهنجي چهنب ۾ جهليو ۽ سلامتيءَ سان اچي ڪناري ڀيڙو ڪيائينس. ڪيس گرمي ڏيڻ لاءِ کٽي پنهنجي پرن هيٺان لڪايائين ته ڪجهه سامت ۾ اچي. ڪوئو جڏهن سامت ۾ آيو ته لوهه ڏيئي ٻگهه جي هيٺان نڪري اُٿي ڀڳو. ٻگهه ڪوئي کي اجا به وڌيڪ آرام ڏيارڻ جي لحاظ کان پڪڙي ورتو، پر جيئن ئي پنهنجا پر کوليائين ته ڏٺائين ته جن کنين ۾ ڪوئي کي لڪائي آرام ڏياريو هئائين، سي ٽڪيا پيا آهن، يعني ڪوئي اُنهن کي ڪتري ڇڏيو هو. هيئنر سندس اُڏامڻ به ڏکيو ٿي پيو هو. تڏهن سندس اکين ۾ پاڻي اچي ويو.

مادي ٻگهه هيءَ روئداد ڏسي پنهنجي نر کي چيو، "احسان ضرور ڪجي ۽ ٿي سگهي ته سڀ ڪنهن تي ڪجي، پر احسان ڪرڻ کان اڳ ۾ سندس ذات ۽ عادتن کي ضرور ڏسڻ گهرجي."

مهاڻو ۽ سندس زال

ڪنهن زماني ۾، هڪڙو غريب مهاڻو ۽ هن جيزال سمنڊ جي ڪناري تي، هڪڙي ڀڳل ٽٽل پراڻي جهوپڙيءَ ۾ رهندا هئا. مهاڻو ويچارو هر روز مڇي مارڻ ويندو هو ۽ سواءِ مڇين مارڻ جي هن کي ٻيو ڪو ڪم ڪونه هو. هڪ ڏينهن هو سمنڊ جي آڇي اجري پاڻيءَ ۾ مڇيءَ ڦاسائڻ جي ڏور اُڇلائي، ان ۾ جوهَ پائي ڏسڻ ويهي رهيو. تان جو ڪنهن مهل، ڏور ڇڪجي وڃي سمنڊ جي اونهي تري تائين پهتي. جان ڪٽي ڏور مٿي ڇڪي، ته ڏسي ته ڪنڊيءَ ۾ هڪڙو سٽيو سٽيو، جرڪندڙ سونو ڪڳو ڦٿڪندو ڦٿڪندو اچي ٻاهر سٽيو.

ڪڳي هڪدم مهاڻي کي چيو، "مهاڻا ڙي مهاڻا! منهنجي ڳالهه ٻڌ، آءُ توکي نئڙت سان ٿو عرض ڪريان-- مون کي نه مار-- آءُ ڪڳو نه آهيان. آءُ هڪ شهزادو آهيان، جنهن کي جادو جي زور سان ڪڳو بنايو ويو آهي! منهنجي مارڻ مان توکي ڪهڙو فائدو رسندو؟ منهنجي ڪائڻ مان توکي سواد به نه ملندو: مون کي

موٽائي سمنڊ ۾ اڇلاءِ، ته تبي هٽي هليو وڃان!"

مهاڻي جواب ڏنس ته "ايتريون منٿون ڇا لاءِ ٿو ڪرين! آءُ ڪو چريو ٿيو آهيان ڇا، جو ماڻهو جيان ڳالهائيندڙ مڇيءَ کي ڪٽي پاڻ وٽ جهليندس؟". ائين چئي، مهاڻي هن کي موٽائي سمنڊ جي اُڇي اجري پاڻيءَ ۾ ڪٽي ڦٽو ڪيو. ڪجهو پوءِ تبيون هڻندو ۽ ترندو، پنهنجي زخميل منهن مان رت جا نار هاريندو، پري پري، پاڻيءَ ۾ گم ٿي ويو. ۽ پوءِ، مهاڻو به پنهنجي پڳل ٽٽل جهوپڙيءَ ڏانهن موٽي ويو.

جوڻس هن کي جو هٿين خالي ڏٺو، سو منهن ۾ گهنڊ وجهي چيائينس، "چڱا مڙس! ڇا، اڄ ڪجهه به ڪين ڦاسايو اٿئه؟"

مڙس جواب ڏنس، "هڪ ڪجهو ڦاسايو هوم، پر هن مون کي چيو ته 'آءُ مڇي نه، پر هڪ شهزادو آهيان، جنهن کي جادوءَ جي زور تي ڪٽي مڇي بنايو اٿن!' تنهن ڪري مون هن کي واپس درياءَ ۾ اڇلائي ڇڏيو!"

تنهن تي زال ويتر ڪاوڙجي پڇيس، "تو هن کان ڪا منَ جي مراد به ڪين گهري؟"

مڙس جواب ڏنس، "مون کي گهرجي ئي ڇا، جو آءُ گهران:" زال چيس: "اسان کي هن گندي جهوپڙيءَ ۾ رهڻ ڏاڍو ڏکيو ٿو لڳي. تون هن کان هڪ ننڍڙي سهڻي گهر جي طلب ڪرين ها، ته بهتر هو! هاڻي وڃ، ۽ وڃي چئينس ته 'اسان کي

هڪ ننڍڙي سهڻي گهر جي ضرورت آهي!' مون کي پڪ آهي ته ضرور اسان جي اها ڳالهه مڃيندو!"

مڙس چيس، "هاٿي ڪيئن هن وٽ موٽي وڃان، ۽ آخر ڪهڙيءَ ڳالهه لاءِ وڃانس؟"

زال تنهن تي واڪو ڪري چيس، "تو ڇو هن کي ڇڏيو، ۽ پوءِ جيئدان ڏيئي، ڇو وري درياءَ ۾ ڇڏي ڏنئيس! اڃا به هو تنهنجي ڳالهه ڪين مڃيندو؟ تون هڪ ڀيرو وڃي ته ڏس!" غريب مهاڻو وڃڻ لاءِ بلڪل راضي نه هو، پر زال کي به رنج نٿي ڪري سگهيو، تنهن ڪري هو لاچار اٿي سمنڊ طرف روانو ٿيو.

جڏهن اتي پهتو، تڏهن ڏٺائين ته سمنڊ سائو ۽ پيلو لڳو پيو هو، پاڻي جهڙو پهريائين مانو هو، تهڙو هينئر بلڪل نه هو.

مهاڻي پوءِ ڪناري تي بيهي چيو، "او! سمنڊ جي سهڻي مڇڙي، منهنجي ڳالهه ڌيان سان ٻڌ، جيئن آءُ گهران ٿو، تيئن منهنجي زال نٿي گهري!"

ان تي اهو ساڳيو، سٽيو سٽيو، جرڪندڙ سونو ڪڳو ترندو آيو، ۽ اچڻ سان پڇيائين: "هوءَ نيٺ ڇا ٿي گهري؟

مهاڻي جواب ڏنو، "مون توکي هاٿي جو ڇڏيو هو، سو منهنجي زال چوي ٿي ته تو کان ڪا پنهنجي من جي مراد گهران! هن کي ڀڳل ٽٽل، پراڻي جهوپڙيءَ ۾ وڌيڪ رهڻ نٿو پڄي. سو چوي ٿي ته هڪڙو ننڍڙو، سهڻو گهر اسان کي ڏي!"



ڪڳي جواب ڏنس تہ ”موتي گهر وچ، تنهنجي پوڙهي زال اڳيئي هڪ ننڍڙي سهڻي گهر ۾ ويٺي آهي. وڃي ڏس!“

اهو ٻڌي، هن رخ رکيو پنهنجي جاءِ جي طرف. اچي ڏسي، تہ برابر سندس زال اڳوڻيءَ جهوپڙيءَ ۾ نہ آهي، انهيءَ هنڌ هڪ ننڍڙو سهڻو گهر نهيل تڪيل بيٺو آهي ۽ جوڻس ٻاهرئين در جي اڳيان هڪ بينچ تي ويٺي آهي، زال جو هن ڪي پريان ايندو ڏٺو، سو هڪدم ڊوڙي ٻانهن مان جهلي، اندر وٺي ويس ۽ چيائينس، ”هي ڏس! اڳين جهوپڙي سٺي، يا هي ننڍڙو صاف سهڻو گهر؟“ پوءِ، جڏهن هو گڏجي گهر ويا، تہ ڏسن تہ گهر جي اندر هڪ سٺو صاف وراندو نهيل آهي، جنهن جي هڪ پاسي ويهڻ لاءِ هڪڙي ڪوٺي آهي، ۽ ٻئي پاسي سمهڻ لاءِ ٻي ڪوٺي آهي، جنهن ۾ هنن لاءِ بستري سان نهيل جڙيل کٽ پئي آهي: پٺئين پاسي رڌڻ پچائڻ لاءِ رڌڻو هو ۽ سامان رکڻ لاءِ جدا جاءِ هئي، هرڪا شيءِ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي سليقي سان رکي هئي ۽ رڌڻ پچائڻ واسطي جست جا ۽ پتل جا ٿانو پيا هئا. مطلب تہ هر هڪ ضرورت جي شيءِ گهر ۾ موجود هئي. انهيءَ کان سواءِ هڪ ننڍڙو اڱڻ بہ هو، جنهن ۾ ڪڪڙيون ۽ ٻدڪون بيٺيون هيون، تنهن کان سواءِ گهر جي سامهون هڪ ننڍڙو باغ هو، جيڪو ڀاڄين ۽ ميون سان ڀريو پيو هو.

زال چيس، ”ڏٺءِ؟ هيءُ ڪهڙو نہ مزيدار گهر آهي!“ مڙس جواب ڏنو، ”هائو، هاڻي هن ۾ آرام سان رهنداسون ۽ نهايت

خوش ۽ آسودا گذاريندا سون!"

"خير، اِڳتي ڏٺو ويندو!" زال لاپرواهيءَ سان چيو.

پوءِ هنن رات جو کانو کاڌو ۽ سمهي رهيا. ائين هڪ ٻه هفتا مس گذاريائون، ته هڪڙي ڏينهن مهاڻي جي زال مڙس کي چيو، "ميان، ٻڌ! هيءَ جاءِ ڏاڍي تنگ آهي. هن جو اڱڻ توڙي باغ، ٻيئي ننڍا آهن. شهزادو ڪڪو اسان کي وڏيرڙي جاءِ ڏيئي سگهي ٿو! اءُ پٿر جي هڪ وڏيءَ محلات ۾ رهڻ گهران ٿي، تون وڃ هن وٽ، ۽ چوينس ته 'اسان کي هڪ وڏو عاليشان محلات ڏي!'"

مڙس جواب ڏنو "چري نه ٿيءُ، هيءُ گهر چڱو ڪشادو آهي. اسين غريب ماڻهو، محلاتن ۾ رهي ڇا ڪنداسين!"

زال جواب ڏنس، "بيوقوف نه ٿيءُ، تون ماٺ ڪري شهزادي ڪڪي وٽ وڃ! هو اسان کي آسانيءَ سان محلات ڏيئي سگهندو."

مڙس ويچاري انڪار ڪندي سمجهايس، "ڏاهي ٿيءُ، هن اسان کي اڃا هاڻي هيءُ گهر ڏنو آهي، مون کي هن وٽ هر هر وڃڻ چڱو نٿو لڳي! هن کي انهيءَ ڳالهه تي متان مڙئي غصو اچي وڃي!"

تنهن تي زال رڙ ڪري چيس، "تون وڃ ته سهي- جيئن تون چوندينس، تيئن هو ڪري سگهندو، ۽ خوشيءَ سان ائين ڪندو. تون رڳو هڪ ڀيرو ڊوڙ پائي هن وٽ وڃ!"

مڙس جي دل کي هيءَ ڳالھ ڳوري لڳي ۽ وڃڻ لاءِ بنھ تيار نہ هو ۽ هن چپن ۾ ڀُڻ ڀڻ ڪندي پئي چيائين تہ "هيءَ چڱي ڳالھ نہ آهي-" پر، غريب ڀيو ڪري بہ ڇا پئي سگھيو! سو لاچار وڃڻو ئي پيس.

جڏهن سمنڊ جي ڪناري تي پهتو، تہ ڏسي تہ سمنڊ جو رنگ آسماني ۽ واڳُنائي لڳو پيو آهي ۽ پاڻي لڙاتيل ۽ گھاٽو آهي جيتوڻيڪ اڳي وانگر پاڻي سائو ۽ پيلو نہ هو، پر ماٺاڻ منجھس اڄ بہ ساڳي اڳي جھڙي هئي! مهاڻي پوءِ ڪناري تي بيهي، وري بہ چيو، "اي، سمنڊ جي سهڻي مڇڙي، منهنجي ڳالھ ڌيان سان ٻڌ! جيئن آءٌ گھران تو، تيئن منهنجي زال نٿي گھري؟"

سوني ڪِڳي پڇيو تہ "هوءَ نيٺ ڇا ٿي گھري؟"

"هوءَ گھري ٿي تہ پٿر جي نهيل محلات ۾ رهان!"

ڪِڳي جواب ڏنس تہ "موٽي وڃ! هوءَ هن گھڙيءَ ئي محلات جي دروازي وٽ بيٺي آهي!"

اهو ٻڌي، مڙس موٽيو پنهنجي گھر ڏانهن. پر ويجھو اچي ڏسي نہ سامهون سندس ننڍڙي سهڻي گھر جي بدران هڪ وڏي پٿر جي عاليشان محلات بيٺي آهي ۽ محلات جي ڏاڪڻ تي سندس پوڙهي زال اڳيئي اندر وڃڻ جي خيال ۾ تهي تڪي بيٺي آهي. مڙس کي جو هن پري کان ايندو ڏٺو، سو هڪدم هٿ کان وٺي چيائينس، "مون سان اندر هل."

انهيءَ تي هو زال سان گڏ جڏهن اندر گھڙيو، تہ ڇا ڏسي، تہ

هڪ دالان آهي، جنهن جو فرش سنگمرمر سان جڙيل آهي ۽ ڪيئي نوڪر چاڪر آهن، جن هنن جي اندر اچڻ واسطي هڪدم وڏا دروازا کولي وڏا. اندر ڏسن ته ڀتيون سهڻن رنگن سان چٽيل، ڪمرن ۾ ڪيتريون سونهري پٽن سان جڙيل ڪرسيون ۽ ميزون، ڇتين ۾ بخملي جهالرون ۽ بلوري وڏا وڏا شمعدان ٽنگيل، سيني ڪوٺين ۽ ايوانن ۾ غاليچا پٿريل، ۽ ڪاڏي جي ميزن تي قيمتي ۽ لذيذ کاڌا ۽ ناياب خوراڪون- مطلب دنيا جي ڪا نفيس شيءِ نہ هجي، جا اُتي نہ آهي. پويان هڪ وسيع اڱڻ هو، جنهن ۾ گهوڙن جا طبيلا، ڳئن جا وٿاڻ ۽ ڪيئي اعليٰ درجي جون گاڏيون بيٺل هيون. اُنهن کان سواءِ، هڪ وڏو سهڻو باغ هو، جنهن ۾ نهايت سهڻا گل ڦل ۽ ناياب ميون جا درخت هئا، ۽ ان جي لڳ هڪ گاهہ جو سبز ميدان ٻہ ميل ڊگهو هو، جنهن ۾ ڦاڙها، هرڻ ۽ سها پئي هيڏانهن هوڏانهن هليا چليا!

مطلب تہ هرڪا شيءِ، جا انسان جي دل طلب ڪري، اها اُتي حاضر هئي. هي سڀڪجهہ ڏسي، زال چيس، ڪيئن ٿو ڀانئين! هيءَ ڪهڙي نہ عاليشان محلات آهي!"

مڙس جواب ڏنو، "هائو، هاڻي پاڻ هن سهڻيءَ محلات ۾ مزي سان گذاريندا سين. وڌيڪ پاڻ کي ڪي ڪين گهرجي!"

زال جواب ڏنو، "انهيءَ ڳالهہ جو پوءِ ويچار ڪنداسين. حال هيءَ رات تہ هن محلات ۾ سمهي موج ڪريون!"

ٻئي ڏينهن، زال ننڊ مان پهرين سجاڳ ٿي. ڏينهن ٿي چڪو هو. بستري تان ٻاهر جو نهاري ته چوڌاري ديهن جون ديهون زمين جون. پليون سايون پوکون ۽ پري پري تائين وڏا گهاٽا ٻيلا پکڙيا پيا آهن. اتي مڙسس به ٿورو بستري ۾ چريو پريو، سو ٺونٺ هڻي، کيس جاڳائي، چيائينس، ”اٿي ڪڙو ٿيءُ، هوڏانهن دريءَ مان جهاتي پائي ٻاهر ته ڏس؟ ڪيئن ٿو ڀانئين. هن ملڪ جا بادشاهه نه ڪٽي ٿيون! تون ڊوڙ پائي پاڻ واري شهزادي ڪڳي وٽ نه وڃين؟ چئينس وڃي ته ’اسين هن ملڪ جا بادشاهه ٿيڻ ٿا چاهيون!“

مڙس جواب ڏنو، ”اڙي، سائينءَ جي سنواري، ڪهڙو ضرور آهي اسان کي بادشاهه بڻجڻ جو؟ آءُ ته بادشاهه بڻجڻ نٿو گهران!“

زال جواب ڏنس، ”جيڪڏهن تون بادشاهه ٿيڻ نٿو چاهين ته خير، مگر آءُ ته چاهيان ٿي بڻجڻ! چپ ڪري شهزادي ڪڳي وٽ وڃ، ۽ وڃي چئينس ته ’مون کي هتان جو بادشاهه بڻائي ڇڏي؟“ مرد جواب ڏنو، ”اڙي ٻيبي، آخر تون ڇو ٿي بادشاهه بڻجڻ گهرين، آءُ ڪهڙي منهن سان هن کان اهو سوال ڪريان!“

زال چڙٻ ڏيندي چيس، ”ڇو نه! اها بڪ بند ڪر. هاڻي جو هاڻي وڃ پنهنجي شهزادي وٽ، مون کي ڪنهن به ريت بادشاهه ٿيڻو آهي!“

مون ويچارو، نيٺ اٿي هليو، پر دل ۾ پئي ڊنو ته ڳالهه ته ڏاڍي ڏکي هئي، مرڳو ڪٿي ڪنهن مصيبت ۾ نه ڦاسي پوان!

سو، دل ۾ پڪو پهه پچايائين ته 'ڪڳي شهزادي ڏانهن اهو سوال ڪٽي هرگز نه ويندس' پر غريب ويچارو آخر ڪري به ڇا تي سگهيو! اڳيان زال جون اکيون به سجهيس پئي! سو لاچار اٿي هليو. هلندي، هلندي، جڏهن سمنڊ جي ڪناري تي پهتو ته ڏٺائين ته سمنڊ جو رنگ پورو ڪارو ۽ لڙاتيل آهي، پاڻي هيٺان بوڙيا ڪڍندو، مٿي پئي نڪتو ۽ منجهانئس بدبوءِ پئي آئي!

هن ڪناري تي بيهي چيو، "او سمنڊ جي سهڻي مڇڙي، مهرباني ڪري منهنجي ڳالهه ٻڌ! جيئن آءُ گهران ٿو، تيئن منهنجي زال نٿي گهري! ڪڳي پڇيو ته "هوءَ نيٺ ڇا ٿي گهري؟" مهاڻي جواب ڏنو، "هوءَ بادشاهه ٿيڻ چاهي ٿي!" ڪڳي ان تي چيس، "تون گهر موٽي وڃ! هن جي گهر قبول ڪئي ويئي!"

ميان مهاڻو پوءِ گهر ڏانهن موٽيو ۽ جڏهن ويجهو آيو ته ڏسي ته محلات اڳي کان بلڪل گهڻو وڏي ٿي ويئي آهي ۽ مٿس هڪ بلند برج آهي جنهن جي پٿر جي پٽين تي عاليشان اُڪر جو ڪم ٿيل آهي ۽ وڏي دروازي تي هڪ پهريدار بيٺل آهي، هڪ طرف ڪيترا پلٽڻ جا سپاهي بيٺا آهن ۽ ٻئي پاسي بئنڊ باجن وارا پنهنجي خاص رنگين پوشاڪ ۾ تيار بيٺا آهن. جڏهن هو محلات جي اندر گهڙيو ته ڏٺائين ته هرڪا شيءِ يا صاف سنگمرمر جي يا نج سون جي ٺهيل آهي، ۽ ڪرسين ۽ ميزن کي بخمل جا پوش ۽ سونهري ڦندڻ لڳل آهن. پوءِ ته وڏي ايوان جا

دروازا يڪدم کلي پيا، ۽ هڪ عاليشان دربار جي شان شوڪت جو نظارو ڏٺائين. سامهون ڏسي ته سندس زال هڪ اوچي سون ۽ جواهرن سان جڙيل تخت تي ويٺي آهي ۽ سندس مٿي تي هڪ سونو تاج آهي. نجي سون جو، قيمتي جواهرن سان جڙيل شاهاڻو ڏنڊو هٿ ۾ اٿس. سندس ڪِني ۽ سڄي پاسي کان ڇهه- ڇهه ٻانهيون قد قامت سار و قطار ڪري بيٺيون آهن. اهڙو شان شوڪت ڏسي غريب مهاڻو پنهنجي زال جي اڳيان ويو ۽ چيائينس، "بيبي، هاڻ تون بادشاه ٿي ويئي آهين!"

هن جواب ڏنس "برابر، هاڻي آءُ بادشاه آهيان!"

مهاڻو پوءِ حيرت وچان ڪجهه وقت ته پنهنجيءَ زال ڏانهن چپ چاپ ڏسندو رهيو. پوءِ چيائينس، "واه بيبي، ڪهڙي نه مزي جي ڳالهه آهي، جو تون بادشاه ٿي آهين ۽ هاڻي اسان کي ٻيو وڌيڪ ڪجهه به نه کپي!"

زال جواب ڏنس، "ميان ڇو نه؟ آءُ ته هن مان ڪڪ ٿي پيئي آهيان، هيءَ حالت مون کان وڌيڪ نٿي سٺي ٿئي! دوڙ پائي ڪِڳي شهزادي وٽ وڃ ۽ چوينس ته 'آءُ شهنشاه ٿيڻ ٿي گهران!'"

مرد چيس، "بيبي، تون ڇو ٿي شهنشاه ٿيڻ چاهين؟" زال چيس، "ميان وقت نه وڃاءِ. تون وڃ ڪِڳي شهزادي وٽ! مون کي شهنشاه ضرور ٿيڻو آهي!"

"پر، بيبي! ڪِڳو توکي شهنشاه ڪيئن بنائي سگهندو! مون



ڪي اها ڳالهه نٿي وڻي. آءُ هن سان اها ڳاهه ڪيئن ڪري سگهندس! اسان جي ملڪ ۾ فقط هڪ ئي شهنشاهه ٿيندو. ڪڳي کي ڪهڙي طاقت جو هڪڙي شهنشاهه جي جيئري، ٻئي کنهن کي شهنشاهه بنائي سگهي!"

زال ڪاوڙ ۾ دانهن ڪري چيو، "ڇا، آءُ هتان جو بادشاهه نه آهيان؟ تون فقط منهنجو مڙس آهين! تون هينئر جو هينئر هوڏانهن وڃ! جيڪڏهن هو مون کي بادشاهه بنائي سگهي ٿو، ته هن کي اها به ضرور طاقت آهي ته مون کي شهنشاهه بنائي سگهي! آءُ کنهن به ريت شهنشاهه ضرور ٿينديس. تون هاڻي جو هاڻي کيس وڃي چئو! وڌيڪ گيسر نه ڪر!" مرد ويچاري کي لاچار وڃڻو ئي پيو.

پر، ويندي ويندي هن کي اچي خوف ورايو، ۽ خيال ڪيائين ته 'يقيناً هن ڳالهه جي عاقبت ٺيڪ نه ٿيندي. شهنشاهه ٿيڻ جي خواهش ڪرڻ ڪمال گستاخي آهي. اهو سوال ڪڳي شهزادي کي ضرور ڪاوڙائي وجهندو.'

اهي خيال ڪندي ڪندي، هو اچي سمنڊ جي ڪناري تي پهتو، ڏسي ته سمنڊ جو رنگ بنهه ڪارو ۽ گهاٽو ٿيو پيو آهي ۽ پاڻي سمنڊ جي تري مان چر ٿهڪي سطح تي ڦوڦينڊن جي صورت ۾ اڦڙڪي پيو ٻاهر نڪري. هيڏانهن سمنڊ تي هوا وڏيون وڏيون لهريون پيدا ڪري رهي هئي. انهن حالتن هن غريب شخص جي دل کي ويتر ڏڪائي ڇڏيو. پر پوءِ، ڪنبندي

ڪنبندي، هن بيهي اڳوڻي وانگر چيو، "او سمنڊ جي سهڻي مڇڙي! منهنجي ڳالهه ڌيان ڏيئي ٻڌ! جيئن آءٌ گهران ٿو، تيئن منهنجي زال ٿئي گهري!"

"هاڻي، هوءَ ڇا ٿي گهري!" ڪڇي پڇيو.

"منهنجي نيڪ بخت زال شهنشاهه ٿيڻ ٿي گهري!" مهاڻي آهستي آهستي پٽڪو ڪيو.

"تون موٽي گهر وڃ. هوءَ شهنشاهه ٿي ويئي،" ڪڇي ٽڪڙو ٽڪڙو وراڻيو.

انهيءَ تي هو مهاڻو موٽي گهر ويو ۽ جڏهن هو اتي پهتو، ته ڏسي ته سچي محلات ريشم وانگر لسي سنگمرمر جي آهي ۽ چوڌاري شفاف پٿر جي مجسمن ۽ سونهري چٽساليءَ سان سينگاريل آهي. دروازي جي اڳيان پلٽڻ جا سپاهي بگلن، دهلن ۽ نغارن جي آوازن مطابق پريڊون پيا ڪن: محلات جي اندر سردار، نواب ۽ تابعيدار بادشاهه هيڏي هوڏي نوڪرن وانگر پيا اچن وڃن، ۽ هن جي واسطي سونا دروازا پيا کولين.

هو جڏهن اندر گهڙيو، ته ڏٺائين ته سندس زال هڪڙي ئي يڪي سون جي ٽڪر مان ٺهيل تخت تي ويٺي آهي، ۽ اهو تخت هزارين فوٽ اوچو هو. سندس مٿي تي هڪ ٽي گز ڊگهو تاج، قسمين قسمين هيرن جواهرن سان جڙيل رکيو آهي، ۽ هڪ هٿ ۾ شاهاڻو ڏنڊو اٿس، ۽ ٻئي هٿ ۾ زمين جي شڪل جو گولو. ۽ سندس ٻنهي پاسن کان پهريدار ٻن قطارن ۾ بيٺا آهن، جن

مان هر هڪ پنهنجي پاسي کان قدقامت ۾ ڪجهه ننڍو آهي. انهن مان ڪيترا تمام ڊگها ۽ ڪي تمام ننڍا هئا! ننڍي ۾ ننڍو ته ماڻهو جي چيچ کان به ننڍو هو ۽ سندس اڳيان ڪيترائي شهزادا ۽ وڏا سردار بيٺا هئا.

مسڪين مهاڻو به، شهزادن ۽ سردارن سان گڏجي، پنهنجيءَ زال جي اڳيان هٿ ٻڌي بيهي رهيو ۽ زال کي چيائين، "بيبي، هاڻي تون شهنشاهه آهين!"

زال جواب ڏنس، "هائو، آءُ هاڻي شهنشاهه آهيان!"

اهو ٻڌي، مرد وجي هڪ هنڌ تي بيهي، ڪجهه غور سان زال ڏي نهاري چيو، "واهه، ڪهڙي نه عمدي ڳالهه آهي، جو تون هاڻي شهنشاهه تي آهين!"

پر زال بلڪل ڪَڙڪ ۽ ٿنڀ وانگر سخت تي ويٺي هئي ۽ ذرو به ڪنهن طرف نٿي چري پري. تڏهن مرد چيس ته "هاڻي تون شهنشاهه آهين. انهيءَ درجي تي قناعت ڪر. هن کانپوءِ، تون ڪنهن به ٻئي وڏي درجي تي پهچي نٿي سگهين!"

زال جواب ڏنس، "خير، آءُ ان بابت پوءِ خيال ڪنديس!" ۽ پوءِ هو وڃي سمهي رهيا.

پر هن عورت کي قناعت ڪٿي؟ ڪيس سودا ۽ حرص ننڊ ئي ڪرڻ نٿي ڏني. سڄو وقت اهو خيال ٻيٺو هوس ته "اچا ٻئي ڪهڙي اوچي درجي تي رسان!"

مرد، جنهن ويچاري گهڻا پنڌ ڪيا هئا ۽ ٿڪل هو، سو

جهٽ ۾ گهريءَ ننڊ ۾ پئجي ويو، پر زال کي اصل ننڊ ئي نہ اچي، تنهن ساري رات پاسا پئي اٿلايا. ڪجهہ خيال ۾ نہ پيو اچيس تہ 'اچا وڏيڪ ڇا ٿي سگهان ٿي؟'

صبح جو سج پنهنجي وقت تي ڪني ڪڏي اڀريو، ۽ زال جڏهن پرڀات جي سرخي ڏٺي، تہ هوءَ اٿي پنهنجي بستري تي ويٺي، ۽ روشنيءَ ڏي نهاريائين. جڏهن هن روشني ڏٺي ۽ درياءَ مان سج کي اڀري ٿي چڙهندو ڏٺائين، تہ يڪدم خيال آيس ۽ چيائين، 'ڇو نہ هي سج ۽ چنڊ منهنجي حڪم موجب اڀرن؟'

پوءِ هن مڙس کي پاسرين ۾ نوڪ هڻي اٿاريو، ۽ چيائينس، "ميان، سجاڳ ٿيءُ. جهٽ ڪر، وڃ ڪڪڙ وٽ، ۽ چوينس تہ "آءُ سج ۽ چنڊ کي پنهنجي حڪم هيٺ رکڻ گهران ٿي."

مڙس ويچارو اڃا اڌ سجاڳ ئي مس ٿيو هو. تہ زال جو اهو ابتو حڪم ٻڌي، جهڙو ٽپ ڏيئي اٿيو، تهڙو وڃي هيٺ ڪريو، ۽ خيال ڪيائين، شايد زال جي ڳالهہ برابر نہ سمجهي اٿم، تنهن ڪري اڪيون مهٽي پڇيائينس "بيبي تو ڇا چيو؟"

بيبيءَ وڏي شان ۽ شوڪت سان وراڻيس، "ميان! مون کان اها ڳالهہ سٺي نٿي ٿئي تہ آءُ رڳو ويٺي نهاريان، تہ سج ۽ چنڊ ڪڏهن ٿا اڀرن ۽ ڪڏهن ٿا لهن؟ منهنجيءَ دل کي تيستائين آرام نہ ايندو، جيستائين سج ۽ چنڊ منهنجي حڪم هيٺ نہ آيا آهن. پنهنجيءَ مرضيءَ موجب جڏهن چوانِ 'لهو' تہ لهن، ۽ چوانِ 'اڀرو' تہ اُڀرن!"

زال ائين چئي، هن ڏي اهڙيءَ دهشت سان نهاريو، جو هن جي ساري بدن کي ڏڪڻي وٺي ويئي.

"تون هاڻي جو هاڻي وڃ! اُ سچ ۽ چنڊ تي حڪمران ٿيڻ گهران ٿي!"

مرد گوڏن تي سندس اڳيان ڪري پيو- چي، "ڪڳي جي هٿان ائين ڪيئن ٿي سگهندو! هن توکي بادشاهه بنايو، شهنشاهه بڻايو، ڪجهه ته خيال ڪر! توکي وينتي ٿو ڪريان ته شهنشاهه ٿيڻ تي ئي قناعت ڪر!"

اهو جواب ٻڌي زال غضب ۾ ٻرجي ويئي: سندس بدن جا وار ڪاندارجي اُڀا ٿي ويا، ۽ مٿي جا وار چڙي هيڏي هوڏي منهن تي اچي پيس. ڪاوڙ ۾ هوءَ پنهنجا ڪپڙا ڦاڙڻ لڳي، ۽ مڙس کي زور سان لت هڻي رڙ ڪري چيائين، "هيءَ ڳالهه منهنجي سهڻ کان ٻاهر آهي- بلڪل سهڻ کان ٻاهر آهي! هاڻي تہ منهنجي منهن تان! آيو آهي مون کي نصيحت ڪرڻ، احمق ڪنهن جاءِ جو!"

مڙس ويچارو تڙ تڪڙ ۾ ڪپڙا ڍڪي چرين وانگر اٿي ڀڳو. اهڙو سخت طوفان پئي لڳو، جو ماڻهوءَ کي گهلي ڪٺي پئي ويو. پير ئي زمين تي نہ پيو ڪپي! وڻ ٽڻ، جايون جڳهيون پئي هيڏانهن هوڏانهن ڪريون، جبل پئي ڏڏيا، ۽ ڇپن جون ڇپون انهن تان ڇڃي، سمنڊ ۾ پئي ڪريون. آسمان جو رنگ ڏامر جهڙو ڪارو هو، وڄ جا چمڪاٽ ۽ ڪڪرن جون گجگوڙون



پئي ٿيون. سمنڊ ۾ لهريون محلن جي منارن جي اچاين جهڙيون پئي اٿيون. سندن چوٽين تي گجيءَ جي اڇاڻ ائين ٿي لڳي ڄڻ جبل جي چوٽين تي برف ڇانئي پيئي هئي.

انهيءَ حالت ۾، مرد ڏڪندي ڏڪندي، ٿڙندي ٿابڙندي، ڪناري تي پهتو، ۽ ايندي ئي گوڙ ۽ شور جي وچ ۾ رڙ ڪري چيائين:

"اي سمنڊ جي سهڻي مڇي! مهرباني ڪري منهنجي ڳالهه ڌيان سان ٻڌ! جيئن آءُ گهران ٿو، تيئن منهنجي زال نٿي گهري!"

ڪڳي پڇيو، "آخر هوءَ ڇا ٿي گهري؟"

مرد جواب ڏنو، "هوءَ سج ۽ چنڊ جي مالڪياڻي ٿي ٿيڻ چاهي!"

جادوءَ واري شهزادي ڪڳي جواب ڏنس، "تون وڃ گهر! هوءَ وري پنهنجي اصلوڪيءَ ڇنل ٽٽل پراڻي ينگيءَ ۾ ويٺي اٿيئي!"

ان ڪان پوءِ، ويندي اڄ ڏينهن تائين هو ٻيئي، غريب مهاڻو ۽ سندس زال انهيءَ ينگيءَ ۾ رهندا پيا اچن!

بُري نيت ٿوري برڪت

هڪڙو بادشاهه شڪار ڪندي ڪنهن اوجهڙ ۾ وڃي نڪتو، اتي اُڃ ڏاڍو هلاڪ ڪيس. پريان هن کي ڪمند جي پوک ڏسڻ ۾ آئي. هي هلي اوستائين ويو ۽ ڪڙميءَ کان پاڻي گهريائين. ڪڙمي هن کي معتبر ماڻهو ڏسي، ڪمند جي هڪ لٺ پٽي، ان جو ٽڪر نپوڙي وٽو ڀري آڻي ڪيس ڏنو. بادشاهه ڪمند جو رس پي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ دل ۾ چيائين ته ڪمند جي پوک ۾ ڏاڍي پيدائش آهي ۽ اڌ ڇڙيءَ ڪمند مان ايترو رس ٿو نڪري! تنهن ڪري ڪمند جي پوک تي ڍل رکڻ گهرجي. بادشاهه جڏهن پنهنجي جاءِ تي آيو ته ڪمند جي پوک تي وڏيڪ ڍل مقرر ڪرڻ جو حڪم ڏنائين.

هڪ ڏهاڙي اهو بادشاهه وري ان ساڳي هنڌ تي وڃي نڪتو ۽ اڳي وانگر ڪمند جي پوک ڏٺائين، جنهن ڪري ڪمند جي رس پيئڻ جي خواهش ٿيس. هن هلي اچي ڪڙميءَ کان پاڻي گهريو، جنهن پاڻيءَ جو وٽو ڀري آڻي ڏنس. پر بادشاهه چيس ته:



مون کي ڪمند جي رس پيار. ڪڙميءَ چيس ته: ڪمند جي رس مفت ڪيئن ملندي؟ بادشاهه کي چيو ته: جيتري رقم وٺي هجيئي اها وٺ، پر مون کي ڪمند جي رس پيار. ڪڙميءَ بادشاهه کان قيمت ورتي ۽ وڃي پوک مان چونڊي تي چار وڏيون ڇڙيون پٽي آيو ۽ سندس اڳيان بيهي نپوڙڻ لڳو ته انهن تن ڇئن ڇڙين مان مس هڪ وٽو ڀريو. بادشاهه کي ڏاڍو عجب لڳو ۽ ان ڳالهه جو سبب ڪڙميءَ کان پڇيائين ته: ميان! اڳي تو بنا گهرڻ جي ڪمند جي رس پياري هئي ۽ ڇڙيءَ مان وٽو ٽمٽار ٿي ويو هو، پر هاڻي ٽن ڇئن ڇڙين مان اڌ وٽو به مس ٿيو آهي، انهي جو ڪهڙو سبب آهي؟ تنهن تي ڪڙميءَ جواب ڏنو ته: ادا! ملڪ جي بادشاهه نيت خراب ڪري، ڪمند جي پوک تي ڏل وڌائي جنهن ڪري اسان ماڻهن مان ايمان ۽ ملڪ جي پيدايش مان برڪت نڪري وئي آهي. تنهن ڪري اوهان کي هي حال ڏسڻ ۾ آيو آهي. بادشاهه کي اها ڳالهه دل سان لڳي ۽ موٽي اچي ڪمند جي پوک تان بنهه ڏل لاهي ڇڏيائين.

ڳالھ جو ملھ

ھڪڙي ملڪ جي بادشاھ حڪم ڪيو تہ اسين سياٽي شڪار تي ھلڻ چاھيون ٿا. تنھن لاءِ ڳچ لشڪر، طنبو طولان تيار ڪيا وڃن، ڪتن، بازن کي ھوشيار رکيو وڃي. تير، ڪمان، برڇيون ڀالا چمڪايا وڃن. بادشاھ جي رڳو فرمان جي دير ھئي، سمورو سامان تيار ٿي ويو. جنھنجي چڪاس پاڻ پنھنجي سر ڪيائين. بعد ۾ سيني کي ھدايت ڪيائين تہ "سيڪو پنھنجو منھن وٺي شڪار تي روانو ٿيندو. پوءِ جنھنجي اڳيان جيڪو بہ جانور نڪرندو، سو ئي ان کي شڪار ڪندو."

اھڙو حڪم ڪري لشڪر وٺي اتي ھليو. ڪجھ وقت جي پنڌ کان پوءِ، قدرت سان خود بادشاھ جي سامھون ھڪڙو ھرڻ نڪتو، جو ڇال ڏيئي ڀڄڻ لڳو؛ بادشاھ بہ گھوڙو ڪٽي پويان ڇڏيس. انھيءَ مھل ھن سان گڏ فقط ھڪڙو وفادار نوڪر ھو. سؤ ڪوھ کن پنڌ ڪرڻ کان پوءِ ھرڻ گم ٿي ويو. اتي بادشاھ کي ڏاڍو ارمان ٿيو. ٿڪجي بہ پيو ھو ۽ بک بہ ڏاڍو

هلاڪ ڪيو هوس، تنهن ڪري نوڪر سميت هڪڙي وڻ هيٺ ويهي رهيو. ٿورئيءَ دير کان پوءِ سندس نوڪر تير سان ٻه پکي شڪار ڪيا، جي ٽانڊن تي پچائي کائي سمهي رهيا.

بادشاهه صبح جو سجاڳ ٿيو ۽ نوڪر کي اُٺاري چيائين ته، "پريان ڪنهن ڳوٺڙي ۾ وڃ ۽ ڪجهه کائڻ لاءِ سيڌو سامان وٺي اچ ته نيرن ڪريون." نوڪر گهوڙي تي چڙهي الهندي طرف ڏانهن رخ رکيو. ٿوري ئي پنڌ ڪرڻ کان پوءِ ڪيس ماڻهن جو ميڙ ڏسڻ ۾ آيو، جي شهر جي ٻاهران ڪنهن انتظار ۾ بيٺل هئا. انهن جي اوچتو هن تي وجهي نظر پيئي، سي هڪٻئي کي مبارڪون ڏيڻ ۽ نينگ تپا ڏيڻ لڳا. آخر هن جي ويجهو اچڻ تي ڏاڍا دهل دمامه وڄائڻ لڳا. پوءِ هن کي ڪنيي ڪٽي ڪنيائون ۽ بادشاهي پوشاڪ پهرائي، ڏاڍي رعب تاب سان آڻي تخت تي وهاريائونس.

امير وزير سڀ خدمت ۾ اچي حاضر ٿيا. هاڻي پاڻ کي بادشاهه ڏسي، نوڪر جو دماغ ستين آسمان سان وڃي لڳو. سو عيش عشرت ۾ اهڙو ته غرق ٿي ويو، جو هن کان پنهنجو جهنگ ۾ ڇڏيل بادشاهه بلڪل وسري ويو.

هوڏانهن گهڻي وقت گذرڻ تي بادشاهه کي اچي بک کان پيٽ ۾ وڪڙ پيا، سو بنهه بيحال ٿي پيو. نوڪر جي نه ورڻ تي ڏاڍي ڪاوڙ لڳس. آخر جڏهن اچي ٻپهر ٿيا، تڏهن پاڻ ٻه گهوڙي تي چڙهي نوڪر جي ڳولها ۾ انهيءَ طرف روانو ٿيو.

ٿوري ئي پنڌ ڪان پوءِ اچي شهر ۾ پهتو. منهن اونداهي ٿي چڪي هئي، بادشاه مسافرخاني جي پڇا ڪري، رات اتي ترسيو. نئين بادشاه جي خوشيءَ ۾ جتي ڪٿي ڀوڙ پلاءُ جا لنگر لڳا پيا هئا. هيءُ ٻه هو ڏاڍو بکايل سو ڪائي ٻي ڏؤ ڪري، اتي ئي سمهي رهيو ۽ خيال ڪيائين ته سپاٽي نوڪر جي ڳولا ڪبي. ستو ته سهي پر ننڊ ئي نه پئي اچيس، گهڻو ئي اکيون ٻوٽيائين پر ڀيو ٿيو خير! پاسا اٿلائيندو ئي رهيو. انهيءَ سراءِ ۾ هڪڙو درويش به ٽڪيل هو، جنهن بادشاه کي بيقراريءَ مان اٿل پٿل ڪندي ڏسي پڇيو ته، "اي شخص تون ڪير آهين ۽ توکي ڇو ننڊ نٿي اچي؟" بادشاه جواب ڏنس ته، "آءٌ گهڻو وقت ڪچهري ڪرڻ جو عادي آهيان، تڏهن ننڊ نٿي اچيم." درويش چيس ته، "منهن مهانڊي مان ته ڪو وڏ گهراڻو ٿو ڏسجين. هاڻي جي مرضي هجئي ته پاڻ ۾ ويهي ڳالهيون ڪري وقت گذاريون، جاڪاڻ جو مون کي پاڻ ننڊ نٿي اچي." بادشاه چيس ته، "درويش! گهڻيئي ڳالهيون ٻڌيون اٿم، ساڳيون ڳالهيون وري وري ٻڌڻ مان ڪهڙو مزو ايندو؟ باقي ڪا نئين ڳالهه ٻڌائين ته ڏاڍو ڀلو ڪم ٿيندو، من روح وندري پوي." درويش چيس ته، "مون وٽ نيون ڳالهيون آهن پر اهي قيمتي آهن، سي مفت آءٌ ٻه ڪونه ٻڌائيندس." تڏهن بادشاه چيس ته، "درويش! مفت ٻڌڻ لاءِ آءٌ ٻه تيار ڪونه آهيان، پر الاجي تون ڪيترو ۽ ڪهڙو اُجورو وٺندين؟ مون وٽ رڳو لعلون آهن، سي جي قبول پون ته حاضر

آهن." درويش چيو ته، "هڪڙي ڳالهه لاءِ هڪ لعل وٺندس.
تنهن تي بادشاهه کيسي مان هڪڙو لعل ڪڍي ڏنس ۽ چيو ته
چڱو هاڻ ڳالهه ڀلي شروع ڪر. درويش ڳالهه شروع ڪئي ته،
"اي شخص! سائينءَ جا رنگ نيارا آهن. شاهه مان گدا ۽ گدا مان
شاهه ڪرڻ جي هن وٽ ويرم ئي ڪانهي. الله جي نظر ۾ ڀلو
اهو آهي جو پرهيزگار آهي، نه ته انسان سڀ هڪجهڙا آهن. 'ذات
ناهي ذات تي، جو وهي سو لهي.' سياڻن جو قول آهي ته زماني
جي گردش ۾ ڏسجي ته ڪو خادم مان مخدوم ٿي ويو آهي ته
ان تي حسد نه ڪجي، پر پاڻ اڳتي وڌي ان جو استقبال
ڪجي." درويش ائين چئي ڪٽي چپ ڪئي. بادشاهه پڇيو ته،
"پوءِ؟" درويش جواب ڏنس ته. "هڪڙي لعل جي ڳالهه ٻڌايم،
ٻيو لعل ڏيو ته اڳتي هلجي." بادشاهه ٻيو لعل ڪڍي ڏنس. درويش
وري شروع ٿيو، "اي مخلوق! الله بي نياز بادشاهه آهي. ٿوري تي
پرچي، گهٽي تي رسي. هن کي ڪنهنجي غرض ڪانهي،
سڀڪو سندس محتاج آهي. هو پاڻ ستار آهي ۽ اهي ماڻهو، جي
ٻين جي عيب پوشي ڪن ٿا، تن تي راضي رهي ٿو، تنهن
ڪري توکي گهرجي ته تون به ڪنهن جي اگهاڙ ڏسين ته ڍڪي
ڇڏجئين." درويش ائين چئي ڪٽي ماٺ ڪئي. بادشاهه درويش
کي ٽيون لعل ڏيندي چيو ته، "درويش ڳالهه هلندي رهي."
درويش بيان کي هيئن اڳيرو ڪيو، "الله جهانن جو بادشاهه
آهي، سچي جهان جون جوڙيون جوڙي ٿو، شاهوڪار پنهنجي

مال تي مست تہ بادشاھ وري بادشاھيءَ ۾ خوش ۽ غريب غربو وري پنھنجي ايري سيري تي خوش آھي. ڪنھن کي ڪنھنجي منٿ محتاجي ناھي، البت ھرڪو عزت جو گھوريو آھي، مسڪينن کي بہ عزت جو الڪو آھي، تنھن ڪري جي تون ڪنھن غريب جي اڳيان لنگھين ۽ ھو توکي محبت سان ڪوسن ڪھرن جي کائڻ جي صلاح ڪري تہ ڪڏھن بہ ھن جي غريبيءَ تي ناخوش ٿي، ھن جي دعوت کائڻ کان انڪار نہ ڪج!" ايترو چئي ڳالھ کي بند ڪيائين. بادشاھ چيو، "بلي! فقير سائين، قصو ھلي!" درويش وراڻيو، "چوٿون لعل ملي تہ ڳالھ ھلي." بادشاھ چوٿون لعل بہ ڏنس. درويش ھن ريت ڳالھ کي ھلايو تہ، "عقل وارن جي دعويٰ آھي تہ دنيا دورنگي آھي، ڪو ڪنھنجو ڪونھي، سيڪو مطلب جو يار آھي، ڪم لٿو تہ ڪاڳر ڦاٽو، تنھنڪري تنھنجو بہ ڪنھن بيقدري سان پلئہ اٽڪي تہ ڪيس يڪدم السلام عليڪم چئي موڪلائجئين. بي انصاف ۽ بيقدري وٽ گھڙي بہ نہ گھارج!" ائين چئي درويش اُٺي وڃي سمھي رھيو ۽ بادشاھ بہ وڃي آرامي ٿيو.

بادشاھ صبح جو ننڊ مان جاڳي، شھر مان نوڪر جي پڇا ڪئي، پر ڪٿان بہ پتو ڪونہ پيس. بادشاھ خيال ڪيو تہ چو نہ پاڻ کي سوداگر سڏائي ھن ملڪ جي بادشاھ سان ملاقات ڪري، پوءِ موتي ملڪ ھلجي. اھو خيال ڪري اوڏانھن رخ رکيائين ۽ سڌو اچي بادشاھ جي درٻار ۾ پھتو. نوڪر ھن کان



احوال پڇي بادشاهه کي ٻڌايو ته فلاڻي ملڪ جو سوداگر سائين جن سان ملڻ گهري ٿو. پنهنجي ملڪ جو نالو ٻڌي، بادشاهه حڪم ڪيو ته هن کي شان مان سان آڻي دربار ۾ حاضر ڪريو. بادشاهه جڏهن دربار ۾ قدم رکيو ته ڇا ڏسي ته سندس جهونو خادم بادشاهي تخت تي تاج پهري وڏي پيڪي ۽ تجمل سان حاڪم بڻيو ويٺو آهي. اهو ڏسي کيس هڪدم راتوڪي درويش واري نصيحت ياد آئي ته، جي ڪو گدا مان شاهه ٿئي ته ان کي عزت ضرور اها ڏجي، ڇو جو کيس خدا انهي درجي تي رسايو آهي. اهو سوچي جهٽ پٽ بادشاهه کي نوڙي سلام ڪيائين. بادشاهه جو پريءَ دربار ۾ سلام ڪيو، تنهن خادم بادشاهه جون اکيون چرخ ڪري ڇڏيون ۽ ڇا ڪيائين جو سندس آداب بجا آڻڻ لاءِ تڪڙا قدم کڻي، اچي پاڪر پاتائينس ۽ کيس پاڻ سان وٺي ديوان خاص ڏانهن هليو ويو. هئو مئو ترڻ تي نويڪليون خبرون ڪرڻ ويٺا. خادم چيو ته، "مون کي معاف ڪجو، مون کان غلطي ٿي ويئي. پلا غلطي به ڇو نه ٿئي، جو مفت حڪومت ملي ويئي. ايڏا به ڪن جا ڀاڳ!"
بادشاهه چيو، "فڪر ڪونهي، تو جيڪي ڪيو سو چڱو ڪيو. اءٌ توکي ڏسي نهايت ڏاڍو سرهو ٿيو آهيان، اڄ تون حاڪم آهين، اءٌ تنهنجي رعيت. اهڙيءَ ريت سڄي رات ڳالهين ۾ گذري وين ۽ صبح جو وهنجي سهنجي، ٿهي ٽڪي ٻئي ڄڻا دربار ۾ آيا."

خادم حاڪم، پنهنجي بادشاھ کي في الحال، سندس ئي صلاح سان پنهنجي حڪومت جو ننڍو وزير مقرر ڪيو ۽ ڪيس رهڻ لاءِ علحدھ محلات پڻ ڏنائين. پنهي جي اها عادت ٿي ويئي تہ هڪ رات ننڍو وزير (اصلوڪو بادشاھ) خادم حاڪم وٽ رهاڻ لاءِ ايندو هو ۽ ٻيءَ رات خادم حاڪم پنهنجي اصلوڪي بادشاھ يعني هاڻوڪي ننڍي وزير وٽ وڃي ڪچهري ڪندو هو. اهڙي نموني هنن جي صحبت ڪي ڳچ عرصو گذري ويو ۽ قصو پئي هليو.

هڪڙيءَ رات ننڍو وزير، حاڪم کي پنهنجي جاءِ تي اُماڻڻ پئي ويو. شمعدان سندس هٿ ۾ هو، انهيءَ روشنيءَ ۾ هو ڇا ٿو ڏسي تہ هڪڙي زائفان ۽ مرد حرم سراءِ جي اڱڻ ۾ بنھ بي خبر ٿي هڪٻئي کي ڀاڪر پايو ويٺا آهن. ننڍي وزير کي هڪدم خيال آيو تہ درويش هدايت ڪئي هئي تہ ڪنهن جي اُوگهڙ ڏسين تہ ڍڪجانءِ. ههڙي ڪا اُوگهڙ ٻي! اهو ويچار ڪري بهانو بنائي، ٿاڀڙجي فرش تي ڪري پيو. اونداهي ڀاٽ تي وئي ۽ هوڏانهن هن جوڙي کي بہ هي حال ڏسي ڀڄي وڃڻ جو موقعو ملي ويو ۽ انهيءَ سموري حال حقيقت جو بادشاھ کي ڪو سماءُ نہ رهيو.

آخر ان رات واري معاملي وڃي رنگ لاتو. وڏي وزير جي ڌيءُ جا چوڪيدار سان بيٺل هئي، سا ههڙيءَ طرح پاڻ کي اوچتو پڪڙجي پيل ڏسي، رهي نہ سگهي ۽ صبح ٿيڻ کان اڳ

هڪ سانگ سٽي روئڻ لڳي. پٽس پڇيس، "ابا ڇا آهي؟ سگهو بيان ڪر. مون کي پريشان نہ ڪر!" هوءَ تيئن وڏا سڏڪا ڀرڻ لڳي، ۽ بلڪل اُيساهي وڃي ويس. تنهن کان پوءِ پيءُ کي ٻڌايائين تہ، "مون شام جو دريءَ مان منهن ڪڍي دل وندرائڻ لاءِ چوڌاري ساوڪ سبزي تي ڏٺي، تہ اوچتو منهنجي نظر سامهين محلات جي دريءَ تي پيئي، ڏسان تہ بادشاھ جو ننڍو وزير مون کي اشارا پيو ڪري ۽ پاڻ ڏانهن اچڻ لاءِ منٿون ڪندي هٿ پيو جوڙي. اهو حال ڏسي مون کي منهنجي غيرت اهڙو تہ مجبور ڪيو جو، پهريائين چيم تہ اهڙي جيئڻ کان مرڻ بهتر آهي، ڪٽي ترار پاڻ کي ختم ڪري ڇڏيان، پر پوءِ صبر کان ڪم وٺي ڪٽي مات ڪيم. بس اها گهڙي ۽ اهو وقت آءٌ بلڪل بيچين ٿي پيئي آهيان تہ ڪيئن بہ ڪري انهيءَ وزير کان هن بدمعاشي جو بدلو وٺجي! هيءَ حقيقت توهان کي ٻڌائي آزي تي ڪريان تہ ڇا پنهنجي بادشاھ اهڙا بدمعاش ۽ لفنگا ماڻهو وزير بنايا آهن جو اسان جي عصمت ۾ اکيون وجهندي ڪين ڪوبہ حياءُ يا ادب ڪونہ ٿو ٿئي!"

اها ڳالھ ٻڌي وڏي وزير جي ڪاوڙ جي حد نہ رهي، ڌيءَ کي چوڻ لڳو تہ، "انهيءَ بي حياءَ کي حڪومت ڏيئي، اسان پنهنجون لجون لٽائينداسين ڇا؟ بس، يا ننڍو وزير هوندو يا آءٌ!" ائين چئي سڌو درٻار ۾ آيو! بادشاھ وزير کي بدليل ڏسي، پڇيو تہ، "اي وزير نيڪ تدبير! توکي ڪهڙي ڳڻتي آهي، جو تنهنجو

حال بدليل پيو نظر اچي؟" وزير چيو "ٻانهي کي انتظار آهي، خلوت ۾ ڪجھ عرض ڪرڻ گهران ٿو، مهرباني ڪري منهنجي حقيقت کان آگاهه ٿيڻ فرمايو." بادشاهه ۽ وزير سڌو خلوتگاهه ڏانهن آيا. وزير پنهنجي ڌيءَ وارو هٿرادو بنايل قصو سربستو ڪري کيس ٻڌايو. بادشاهه ٻڌڻ بعد چيو ته، "اي وزير! پوءِ ڇا ڪجي؟" وزير چيو ته، "جيئندا قبلا! آخر هي شخص ڪير آهي، جنهن تي ايترو راز رکي هيڏي عزت ڀرئي درجي تي کيس مفت ۾ پهچايو ويو آهي؟" خادم حاڪم جواب ڏنس ته، "دراصل هيءُ منهنجو بادشاهه آهي." وزير چيو ته، "جي اهو تحقيق بادشاهه آهي ته توهان ڄاڻي واڻي پنهنجي پير تي ڪهاڙو هڻي رهيا آهيو! ايترو ٻه نٿا ڄاڻو ته هيءُ بادشاهه ٿوري وقت ۾ ئي حضور جن جي ملڪ کي حاصل ڪري، پنهنجي اصلي حڪومت سان ڳنڍي حڪومت جي واڳ پنهنجي وس ۾ رکندو، تنهن ڪري جيترو ٿي سگهي اوترو جلد هن کان پلاند آجا ڪرائڻ ۾ ئي ڀلائي آهي!" بادشاهه، وزير جي اها گفتگو ٻڌي سن ٿي ويو ۽ کيس چيائين ته پوءِ ڪا اهڙي ڪيڏ ڪر جو نانگ ٻه مري ۽ ليڪو ٻه نه ڊهي. وزير چيو ته "توهين ڇٿا آهيو، آءٌ سڄو انتظام پاڻيهي ٿو ڪريان. توهين فقط انهيءَ وزير کي ايترو سو حڪم ڏيو ته سڀاڻي صبح جو سوير شاهي ڪوس گهر ۾ وڃي ڪاسائن کي هدايت ڪر ته بادشاهه جي کائڻ جو گوشت سٺو نٿو ملي تنهنڪري نظرداري ۽ ڇڪاس ٻه ڪري ۽ اهو ٻه ڏسي ته اهڙي



ڪوتاهي ڪنهنجي آهي. بادشاهه کي اها ڳالهه چڱي وڏي وزير اجازت ورتي. وڃڻ شرط ڪاساين جي جمعدار کي گهرائي کيس تاڪيد ڪري چيائين ته، "بادشاهه سلامت جو فرمان آهي ته ڪوس گهر ۾ سڀاڻي صبح جو جيڪو به پهريون ماڻهو ڪو سرڪاري حڪم ٻڌائڻ اچي تنهن کي هڪدم قتل ڪري ڇڏجي ۽ سندس سسي ڏاڪوڻ ۾ وجهي سيل ڪري مضبوط رکجي ۽ جڏهن ٻيو ماڻهو اچي پڇي تڏهن کيس اهو ڏاڪون ڏيئي بادشاهه سلامت جي حضور ۾ واپس روانو ڪجي. پر اهو سڀ ڪم اهڙي نموني سان انجام ڏنو وڃي جو ڪا ويرم ئي نه لڳي. جيئن ته هيءُ ڪم نهايت جرئت جو آهي تنهن ڪري ڪنهن تمام هٺيلي مڙس کي اچ ئي هن ڪم تي مقرر ڪري تاڪيد ڪري ڇڏجي." جمعدار وڏي وزير جو اهو حڪم ٻڌي موٽي آيو ۽ ٻه ٽي پهلوان ڪاسائي هن ڪم لاءِ مقرر ڪري ڇڏيائين ۽ کين سموري ڳالهه پڻ سمجهائي ڇڏيائين. اجا سج اُڀرڻ ۾ گهڻي دير هئي ته وڏي وزير، ننڍي وزير کي بادشاهه ڏانهن موڪليو، جنهن وڏي وزير وارا سيڪاريل لفظ کيس چيا. ننڍو وزير حڪم جي پيروي ڪرڻ لاءِ گهوڙي تي چڙهي ڪوس گهر ڏانهن روانو ٿيو.

خدا جي قدرت جو اُن ڏينهن رستي تي ڪا شادي هئي، گهوٽ جو سرگس ۾ نڪري رهيو هو ته هي به اچي اُتان لانگهائو ٿيو. گهوٽ جو پيءُ هيءُ سنو سؤڻ سمجهي ڏاڍو خوش ٿيو ۽

وزير صاحب کي منٿ ڪيائين تہ پلاڻي ڪري پنھنجا ٽيڪ ۽ قربائتا قدم اسان غريبن جي جھوپڙيءَ تان گھمايو ۽ ھن ڪڪائين گھر کي شرف ڏيو. وزير ڀھريائين تہ ھن جي ڳالھين تي ڌيان ئي نہ پئي ڏنو، پر پوءِ درويش واري ڳالھ دل تي تري آيس ۽ گھوڙي تان لھي پيو ۽ وڃي ڪاڄ وارن جي ڪکن ۾ ويٺو ۽ شاديءَ ۾ ساڻن شريڪ حال ٿيو. ھن قصي ۾ البت وزير کي ڪجھ وقت لڳي ويو. جڏھن ڳچ مھل گذري تہ وڏي وزير کي پڪ ٿي تہ ڪاساين نندي وزير جو ڪم پورو ڪري ڇڏيو ھوندو، سو تڪڙو تڪڙو گھوڙي تي لانگ ورائي ڪوس گھر ڏانھن ڀڳو. اچڻ سان ڪاساين کي چيائين تہ، "ڪيئن ڪم ٺيڪ آھي يا نہ؟ جلد ڪريو امانت ڏيو!" ھنن وراڻيس تہ، "سائين اندر ھليا اچو. وڏو وزير جيئن اندر گھڙيو تيئن ڪيس چؤڪنيو ٻڌي اچي ڪاتين سان ورتائونس! بس پوءِ تہ ھيون ھن جون دانھون ۽ رڙيون! چوندا آھن الله ڏي ۽ ٻانھو سھي، سو وزير صاحب بہ گھٽو ئي پاڻ پتوڙيو ۽ ھنن کي سمجھايائين ۽ چيائين، پنھنجا عھدا بيان ڪيائين ۽ آخر اھو بہ چيائين تہ اُھو ٻيو وزير آھي جنھن لاءِ بادشاھ سلامت مارڻ جو حڪم ڏنو آھي، پر ھو ڪٿي ٿا ٻڌن، جن کي حڪم ملي چڪو تہ جيڪو ڀھريون ماڻھو اچي تنھن جو ھٽي قيمو ڪري رکجو! سو ھٽي وڌي ڪٽي ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيائونس.

ٿوريءَ دير بعد ننڍو وزير بہ شاديءَ وارن کان موڪلائي

ڪوس گهر ڏانهن آيو ۽ ڪاساين کي گوشت جون پارتون ڪرڻ لڳو. ڪاساين ڪيس سيل مهر ٿيل گوشت جو ڍاڪون بادشاهه سلامت کي پهچائڻ لاءِ ڪٽي ڏنو. اهو پاڻ ڪٽي دربار ۾ اچي بادشاهه جي حضور ۾ پيش ڪيائين. بادشاهه هن کي جيئرو ڏسي وائڙو ٿي ويو ۽ يڪدم ڍاڪوءَ جو پڙ کولي ڏٺائين. وڏي وزير جي سسي ڍاڪوءَ ۾ بند ڏسي بلڪل حيران ٿي ويو ۽ ننڍي وزير کان احوال پڇيائين. جنهن چيو ته، "آءٌ حڪم موجب قصاب خاني ڏانهن وڃي رهيو هوس ته رستي تي هڪ ڄڃ شاديءَ وارن جي ڏٺم، جي دعوت ڏيئي مون کي پاڻ سان وٺي ويا. اُتان واندو ٿي ڪاساين کي جيئن تنبيه ڪرڻ لاءِ ويس ته انهن اهو ڍاڪون ڏنو، جو حضور ۾ اچي پيش ڪيو اٿم؛ وڌيڪ ڪابه خبر ڪانهي. آءٌ بلڪل ڪونه ٿو ڄاڻان ته اسان جي وڏي وزير جو ههڙو حال ڪيئن ٿيو آهي." بادشاهه جواب ڏنس ته، "وڏي وزير رات اها ڳالهه ڪئي هئي ته توهان سندس جوان ڌيءُ سان محلات ۾ ويٺي ڪا ڪُونس ڪئي هئي، جنهن پيءُ کي روئي دانهن ڏني هئي؛ پوءِ وزير اوهان کي مارائڻ لاءِ ڪاساين کي چٺي آيو هو ته جيڪو اڄ صبح جو سوير سرڪاري پهريون ماڻهو اچي، تنهن کي قتل ڪري، اُن جي سسي ڍاڪوءَ ۾ ڏڪي بادشاهه ڏانهن موڪلجو. اوهان صبح جو سويل اوڏانهن روانا ٿيا، قضا جا ڪم، جو توهان واٽ تي ويهي رهيا ۽ وزير اُبهرو ٿي اوڏانهن ويو ۽ ختم ٿي ويو." تنهن تي ننڍي وزير

چيو تہ، ”جهڙي ڪرڻي، تهڙي ڀرڻي. آءٌ وزير صاحب جو بدخواه ڪونہ هوس. نڪي سندس نياڻيءَ ۾ بري اک هئي؛ البت اُن رات جڏهن آءٌ شمعدان سميت حضور جن کي اُماڻڻ پئي آيس ۽ ڪري پيو هوس، تڏهن محل جي ايوان ۾ بہ ماڻهو ههڙيءَ طرح بيٺا ڏٺا هئم. لاشڪ انهن ۾ هڪ وڏي وزير جي ڌيءُ هئي. سو مون ڄاڻي واڻي شمعدان ڪيرائي اونداهي ڪئي؛ ان خيال کان تہ متان اوهانجي نگاهہ مٿن پئجي وڃي ۽ ناحق مارجي وڃن؛ تنهن جو بدلو شايد وزير اهو تي ڏنو. پر خدا حق وڪيل آهي، سچن ساٿي ڪوڙن گهاٽي. پوءِ اول کان وٺي آخر تائين، مسافر خاني ۾ رات جو درويش کان بدل قيمتي ڳالهيون بادشاهہ کي ڪري ٻڌايائين ۽ ڪيس ائين بہ چيائين تہ، پڇاڙيءَ واري نصيحت جا درويش ڪئي هئي سا هيءَ هئي تہ: ڪنهن بيقدر، بي انصاف جي ياري، توڙي نوڪري نہ ڪج! سو اوهان بہ انهيءَ نموني ثابت ٿيا، جو بنا پڇئي مون کي موت جي منهن ۾ ڏيئي ٿي ڇڏيوَ. پر خدا ڪٿي بچايو اٿم. بادشاهہ سلامت! افسوس جو توهان مون کان هن حقيقت تي ڪجهہ پڇڻ بہ مناسب نہ سمجهيو! هاڻي اها بادشاهي اوهان کي نيبهہ هجي ۽ اسانجي الله وائي.“ ائين چئي بادشاهہ کان، جو اصل ۾ سندس غلام هو، هيءُ خانداني بادشاهہ موڪلائي، پنهنجي اصلوڪي گهوڙي تي چڙهي وٺي پنڌ پيو ۽ هلندي هلندي اچي ڪن ڏينهن جي پنڌ کان پوءِ پنهنجي بادشاهيءَ ۾ پهتو. هن ملڪ جي واڳ بادشاهہ جي گم ٿي وڃڻ

کان پوءِ وقت جي وڏي وزير جي هٿ ۾ هئي، جنهن بادشاهه سلامت کي زنده ۽ خوش خورم ڏسي، خدا جا شڪرانا بجا آندا. سڄي ملڪ ۾ نئين سر رنگ لڳي ويا. غريب غربي ۽ فقير فقري لاءِ خزاني جا دروازا کولي ڇڏيائون. ڪو وقت ته ملڪ ۾ خوشين جي ڌم لڳي وئي. بادشاهه پنهنجي راڻين ۽ اولاد سان به مليو ۽ سڀ ڏاڍا خوش ٿيا.

جهڙيءَ طرح انهيءَ وڇڙيل بادشاهه ۽ سندس وڳر جو ميلو ٿيو، تهڙيءَ طرح شال جڳ جهان جو ٿئي.

Sindhica
سنڌيڪا

ٻارن لاءِ لوڪ ڪهاڻيون (ٽي ڀاڱا)

ڀاڱو پهريون

1- نيڪيءَ جو بدلو، 2- عقل ۽ بخت، 3- ٻڍي،
4- احسان ڪنهن تي ڪجي، 5- مهانو ۽ سندس زال،
6- بري نيت ٿوري برڪت ۽ 7- ڳالهه جو مله

ڀاڱو ٻيون

1- دل جي پرک، 2- قسمت ڪيئن جاڳي،
3- پيءَ جي نصيحت، 4- ڏاهو ٻڪرار، 5- چورن مٿان مور،
6- چار ٽول رات ڪيلي، 7- عقل ۾ اڪابر ۽ 8- سونو ڪڪڙ.

ڀاڱو ٽيون

1- پاڪ امانت، 2- بخت جي بازي، 3- سهڻي صوحب، 4- سيائو
بادشاه، 5- شينهن ۽ ڪڙميءَ جي زال، 6- مگنهار ۽ شينهن،
7- سٽ مان ڪيهه، 8- مڃي چو ڪلي ۽ 9- ڪانءُ ۽ لومڙي.

سنڌيڪا

سنڌ جي علمي ۽ شعوري ترقيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار

پڙهندڙ نسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاڙُو، پاڇوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي ورِي پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اُهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ ٽالي لِڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جِئن جِئن ڄاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَّ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَڙَھ جو پڙھڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ ھوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي ھٿن ۾ رھنديون. پَڙھَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙھي سماجي حالتن کي بھتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙھندڙ نَسُل جا پَڙھَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جھڙن سوالن کي ھر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انھن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنھنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گھرج unavoidable necessity سمجھندي ڪتابن کي پاڻ پڙھڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻھن تائين پھچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توھان بہ پڙھڻ، پڙھائڻ ۽ ڦھلائڻ جي اِن سھڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگھو ٿا، بَس پنھنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، ھر قسم جا ڳاڙھا توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پڙھ ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منھنجا ڀاءُ
پھتو منھنجي من ۾ تنھنجي پَڙھَ پَڙھَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلھي پاتم ڪينرو)